Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :12 | اربع 15 نومبر 2023ع بمطابق 30 ربيع الثاني 1445ھ | شمارو:35 | قيمت10 روپيا

ميان صاحب ٻين صوبن بدران پنجاب تي فوڪس ڪريو: بلاول

ن ليگ پنهنجي طاقت تي سياست ڪري اڄ به هڪ فيلڊ ٻڌائي پئي وڃي، پ پ پارٽي هر پيچ تي کيڏڻ لاءِ پوري طرح تيار آهي

هي ڀهري اليڪشن هوندي جنهن ۾ پيپلزپارٽي جو ڪنهن اداري سان ڪو جهڳڙو ناهي، مقبول باقر جهڙو نگران وڏو وزير ٻيو ڪو نه ملندو

ٺيڪ اهو ٿيندو ته ن ليگ پنهنجي طاقت تي سياست ڪري، اسان ٿر ۾ ڪم ڪري غلط الزامن ۽ پروپيگنڊا کي ناڪام ڪري ڇڏيو

غربت بيروزگاري جا مسئلا آهن، ان کان انڪار نٿو ڪري سگهجي قائد عوام ۽ بينظير ڀٽو جا وفادار اڄ مون سان گڏ نيائي رهيا آهن

اسان جي ڪوشش آهي ته اڻ پوري مشن کي مڪمل ڪريون ٿر ۾ عورتن ۽ ٻارن جي موت جي شرح ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي ٿي آهي

اسان جو پلان آهي ته ٿرپارڪر کان ڪراچي تائين ريلوي لائن ناهڻي آهي، ريلوي لائن جو فائدو ٿر جي ڪوئلي کي مارڪيٽ تائين پهچائڻ آهي

مٺي (رپورٽر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ميان صاحب کي تجويز آهي ته هو پنجاب تي فوڪس ڪري پنجاب ۾ ن ليگ لاءِ ڏکيائون آهن. تنهن ڪري ڪيس تجويز ڏني وئي ته ٻين صوبن ۾ به وڃون. ن ليگ پنهنجي طاقت تي سياست ڪري اڄ به هڪ فيلڊ ٻڌائي پئي وڃي، پ پ پارٽي هر پيچ تي کيڏڻ لاءِ پوري طرح تيار آهي. هي ڀهري اليڪشن هوندي جنهن ۾ پيپلزپارٽي جو ڪنهن اداري سان ڪو جهڳڙو ناهي، مقبول باقر جهڙو نگران وڏو وزير ٻيو ڪو نه ملندو پريس ڪانفرنس ڪندي بلاول ڀٽو چيو ته ٺيڪ اهو ٿيندو ته ن ليگ پنهنجي طاقت تي سياست ڪري، اڳوڻي پرڏيهي وزير چيو ته اسان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

مٺي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪڏهن ڪهڙين حالتن ۾ ڪهڙي بنياد تي اِهو فيصلو ٿيو ته جيل ٽرائل ٿيندو؟ ڪيئي سوال آهن جن جا جواب ڏيڻ جي ضرورت آهي: عدالت

سائفر ڪيس ۾ خان جي درخواست تي جيل ٽرائل روڪڻ جو حڪم

اسلام آباد جي جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب ۽ جسٽس ثمن رفعت امتياز تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ عمران خان خلاف سائفر ڪيس جي اڊيالا جي ۾ ٽرائل خلاف انٽرا ڪورٽ اپيل تي ٻڌڻي ڪئي

عمران خان طرفان سلمان اڪرم راجا، ۽ حڪومت طرفان اٽارني جنرل دليل ڏنا، عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ اينڊز ٻڌڻي تي لاڳاپيل رڪارڊ طلب ڪري ورتو ۽ 16 نومبر تائين ڪيس جي جيل ۾ ٻڌڻي روڪي ڇڏي

اسان ڄاڻڻ چاهيون ٿا ته اهڙيون ڪهڙيون غيرمعمولي حالتون هيون جو هي ٽرائل اهڙي نموني هلايو پيو وڃي؟ اوهان کي ٻڌائڻو آهي ته حقيقت ٿيو ڇا آهي؟: جسٽس ميان گل حسن

تمام لاڳاپيل ادارن کان رڪارڊ وٺي عدالت آڏو رکندس (اٽارني جنرل) سراسري طور ٿيل نوٽيفڪيشنز هاءِ ڪورٽ جي رولز مطابق نه آهن: جسٽس ميان گل حسن

وفاقي ڪابينا ٻه ڏينهن پهريان جيل ٽرائل جي منظور ڏني، ڪهڙا سبب هئا جو وفاقي ڪابينا جيل ٽرائل جي منظور ڏني؟ : جسٽس ميان گل حسن جو اٽارني جنرل کان سوال

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عمران خان خلاف سائفر ڪيس جي جيل ۾ ٻڌڻي روڪڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. اسلام آباد جي جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب ۽ جسٽس ثمن رفعت امتياز تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان خلاف سائفر ڪيس جي اڊيالا جي ۾ ٽرائل خلاف انٽرا ڪورٽ اپيل تي ٻڌڻي ڪئي. ان سلسلي ۾ عمران خان طرفان سلمان اڪرم راجا، ۽ حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

بلاول ڀٽو جو شاندار استقبال ڪري ٿر جي عوام پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي: آصف زرداري

اسان جي خلاف ماضي ۾ به اتحاد ٺهندا رهيا آهن پر اسان کي ان جي ڪا به پرواهه نه آهي، ٿر جي عوام پنهنجي ڀيڻ کي ناهي وساريو

ڪجهه ماڻهو اقتدار جي لاءِ اتحاد ٺاهيندا آهن پر اسان جي لاءِ عوام ئي ڪافي آهي، پيپلز پارٽي جي خلاف ماضي ۾ به اتحاد ٺهندا رهيا آهن

پران جي اسان کي ڪا به پرواهه نه آهي، پيپلزپارٽي عام چونڊن ۾ ڪراچي کان خيبرپختونخواهه تائين ڪاميابي حاصل ڪندي

اسلام آباد (بيورو) پيپلز پارٽي جي شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته اسان جي خلاف ماضي ۾ به اتحاد ٺهندا رهيا آهن پر اسان کي ان جي ڪا به پرواهه نه آهي. اڳوڻي صدر پنهنجي تازي بيان ۾ ٿر جي عوام سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

نيب عمران خان جي گرفتاري لاءِ مختلف آپشنز تي غور ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) قومي احتساب بيورو (نيب) 190 ملين پائونڊ اسڪينڊل ڪيس ۾ عمران خان جي گرفتاري لاءِ مختلف آپشنز تي غور شروع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

لاهور: آئي جي پنجاب ڊاڪٽر عثمان انور اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

سپريم ڪورٽ زباني معاهدي تي رليف ڏيڻ جي اپيل رد ڪري ڇڏي

چيف جسٽس جي سربراهي ۾ ٽن ميمبرن واري بينچ زمين جي زباني معاهدي بابت درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

زباني معاهدي جي ڪا به قانوني حيثيت ناهي، پنجاب ۾ زمين جي معاهدن کي تمام گهڻو اينگهايو وڃي ٿو: جسٽس قاضي فائز عيسيٰ

زباني معاهدن جو دروازو اسان کي هاڻي بند ڪرڻو پوندو، ماڻهن به ايراضي تي معاهدا ڪرڻ ڇڏي ڏنا آهن

اسلام آباد (بيورو) زمين جي زباني معاهدي تي رليف ڏيڻ جي اپيل رد ڪري ڇڏي. چيف جسٽس جي سربراهي ۾ ٽن ميمبرن واري بينچ زمين جي زباني معاهدي بابت درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ رمارڪس ڏيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

جسٽس رٽائرڊ ارشد نور خان اسپتال جي مختلف شعبن جو دورو ڪيو

طبي امداد جي فراهمي جو جائزو ورتو، ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف بابت ڄاڻ ۽ دوائن جي دستيابي جو جائزو ورتو ويو

بيمار مريضن کي ترجيحي بنيادن تي علاج جون سهولتون فراهم ڪن، مريضن سان مناسب سلوڪ ڪيو وڃي: ارشد نور خان

اسپتال جي ملازمن لاءِ ناهيل رهائشي فليٽس تي غيرواسطيدار ماڻهن پاران قبضن بابت به شڪايت ڪئي وئي: (ر) جسٽس

ڪراچي (رپورٽر) جسٽس رٽائرڊ ارشد نور خان پنهنجي ٽيم جي ميمبرن سان گڏ ڪراچي جي علائقي ابراهيم حيدري ۾ پي پي ايڇ آءِ جي انتظام هيٺ سنڌ گورنمينٽ اسپتال جو دورو ڪيو. جسٽس رٽائرڊ ارشد نور خان اسپتال جي مختلف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڊيرا اسماعيل خان پوليس قومي اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر علي وزير کي ٻيهر گرفتار ڪري ورتو

ڪوئٽا (م د) ڊيرا اسماعيل خان پوليس قومي اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر علي وزير کي ٻيهر گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس موجب قومي اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر علي وزير کي ڪرنٽ کان اينڊي دره زنده ويجهو گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس موجب علي وزير ملڪ ادارن جي خلاف تقريرون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي: نگران وڏو وزير مقبول باقر نگران صوبائي وزير خدا بخش مري سان تعزيت ڪندي

عبدالحفيظ شيخ جي خلاف 11 ملين ڊالرز ڪرپشن ڪيس جي ٻڌڻي بنا ڪارروائي جي ملتوي

احتساب واري عدالت ۾ پورٽس جي سافٽ ويئر جي تياري ۾ ڪرپشن بابت داخل ريفرنس تي ٻڌڻي ٿي

عبدالحفيظ شيخ تي 11 ملين ڊالر کان وڌيڪ ڪرپشن جو الزام آهي، عدالت ٻڌڻي 9 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (بيورو) اڳوڻي ناڻي واري وزير عبدالحفيظ شيخ جي خلاف 11 ملين ڊالر ڪرپشن ڪيس جي ٻڌڻي بنا ڪارروائي جي ملتوي ڪئي وئي. اڳوڻو ناڻي وارو وفاقي وزير عبدالحفيظ احتساب عدالت ۾ پيش ٿيو احتساب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ميٽرڪ جا امتحان مئي جي پهرئين هفتي کان شروع ٿيندا: سنڌ جو تعليم وارو نگران وزير

سنڌ جي تعليم واري نگران وزير جي صدارت هيٺ اسٽيئرنگ ڪميٽي جي ذيلي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن سنڌ ۽ ٻين ميمبرن شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ تعليمي سال جي شروعات، امتحانن جي شيڊيول، موڪلن ۽ ٻين اهم معاملن تي غور ويچار ڪيو ويو، ذيلي ڪميٽي پنهنجون تجويزون پيش ڪيون

سڄي سنڌ جي اسڪولن ۾ نئون تعليمي سال 15 اپريل ۽ ڪاليجن ۾ نئون تعليمي سال پهرين آگسٽ کان شروع ٿيندو، سياري ۽ گرمي جي موڪلن جو پراڻو شيڊيول برقرار رهندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي تعليم واري نگران وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ميٽرڪ جا امتحان مئي جي پهرئين هفتي ۽ انٽر جا امتحان مئي جي آخري هفتي کان شروع ٿيندا. سنڌ جي تعليم واري نگران وزير جي صدارت هيٺ اسٽيئرنگ ڪميٽي جي ذيلي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن سنڌ ۽ ٻين ميمبرن شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

غزا: الشفا اسپتال جي ڪمپائونڊ ۾ 179 شهيد فلسطينن جي اجتمائي قبر ۾ تدفين

غزا (م د) غزا جي سڀ کان وڏي الشفا اسپتال جي ڪمپائونڊ ۾ 179 شهيد فلسطينين جي اجتمائي قبر ۾ تدفين ڪئي وئي. غزا جي الشفا اسپتال جي ڊائريڪٽر محمد ابو سلميه جو چوڻ آهي ته اسپتال ۾ موجود 179 لاشن کي اسپتال جي ڪمپائونڊ ۾ اجتمائي قبر ۾ دفنايو ويو آهي. واضح رهي ته ڪيئي ڏينهن کان الشفا اسپتال اسرائيلي فوج جي گهيري هيٺ آهي ۽ اندر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

غزه: اسرائيل طرفان فلسطين تي بمباري کان پوءِ تباهه ٿيل عمارتن جو ڏيک

پنجاب ۽ ٻين صوبن ۾ غير قانوني افغانين خلاف آپريشن نظر اچي ٿو: اياز لطيف پليجو

لکين افغاني واپس ٿي چڪا آهن ۽ سنڌ ۾ اڃا تائين پنج سئو افغاني به گرفتار ناهن ڪيا ويا، سنڌ ۾ آپريشن جي نالي ۾ ڊرامو ڪيو پيو وڃي

سنڌ ۾ لکين غيرقانوني افغاني ۽ ٻين پرڏيهين کي شناختي ڪارڊ ۽ ٻيا ڪاغذ ناهي ڏيندڙ عملدارن کي گرفتار ڪري انهن کي نوڪرين مان خارج ڪيو وڃي

رشوت ڏئي جعلسازي سان شناختي ڪارڊ ۽ ٻيا ڪاغذ ٺهرائيندڙ اليگل اميگرينٽس کي پڪڙي واپس پنهنجي ملڪن ڏانهن موڪليو وڃي

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي ته پنجاب ۽ ٻين صوبن ۾ غير قانوني افغانين خلاف آپريشن نظر اچي ٿو، لکين افغاني واپس ٿي چڪا آهن ۽ سنڌ ۾ اڃا تائين پنج سئو افغاني به گرفتار ناهن ڪيا ويا. سنڌ ۾ آپريشن جي نالي ۾ ڊرامو ڪيو پيو وڃي. سنڌ ۾ لکين غير قانوني افغاني ۽ ٻين پرڏيهين کي شناختي ڪارڊ ۽ ٻيا ڪاغذ ناهي ڏيندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان ڪي پي ڪي جو وڏو وزير ملاقات ڪندي

نگران پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني سان جرمني جي سفير جي ملاقات

ٻطرفن لاڳاپن جي مختلف رخن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ملاقات دوران علائقائي ۽ عالمي اڳڀرائي تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اسلام آباد (م د) نگران پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني سان جرمني جي سفير الفريڊ گراناس ملاقات ڪئي. پرڏيهي آفيس موجب هن ٻطرفن لاڳاپن جي مختلف رخن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ گڏيل فائديمند تعاون کي وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

نگران وزيراعظم سان خيبرپختونخواهه جي نگران وڏي وزير جي ملاقات

صوبي جي انتظامي معاملن ۽ امن امان جي صورتحال ۽ اسمگلنگ کي روڪڻ تي ڳالهه ٻولهه ٿي

اميد ته هو اليڪشن ڪميشن جي مدد ۾ پنهنجو آئيني ڪردار ڀرپور طريقي سان ادا ڪندو

اسلام آباد (م د) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان خيبرپختونخواهه جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) ارشد حسين ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ خيبرپختونخواهه صوبي جي انتظامي معاملن ۽ امن امان جي صورتحال ۽ اسمگلنگ کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: صدر عارف علوي اجلاس جي صدارت ڪندي

سرگوڌا ۾ همراهه سوشل ميڊيا تي اعلان ڪري 5 ڄڻن کي قتل ڪري ڇڏيو

5 ڄڻن جي قتل سان علائقي ۾ دهشت پکڙجي وئي، پوليس جا ڇاپا

قاتل وڏي دليري سان سوشل ميڊيا تي قتل ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو

سرگوڌا (م د) همراهه سوشل ميڊيا تي اعلان ڪري 5 ڄڻن کي قتل ڪري ڇڏيو. 5 ڄڻن جي قتل سان علائقي ۾ دهشت پکڙجي وئي، پوليس جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

فرح گوگي جو عطا تارڙ کي 5 ارب رپين جو قانوني نوٽيس

نيب چيئرمين ۽ ڊي جي ايف آءِ اي کي به نوٽيس موڪليا ويا

سمورا اثاثا ڊڪليئر آهن، تنهن ڪري عطا تارڙ الزام واپس وٺي معافي وٺي: نوٽيس

لاهور (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين جي گهرواري جي ويجهي دوست فرح گوگي ن ليگ اڳواڻ عطا تارڙ کي قانوني نوٽيس موڪلي ڇڏيو. فرحت شهزادي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

حيدرآباد: عوامي اسري بچايو تحريڪ طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

اسرائيل کي غزه ۾ الشفا اسپتال کي بچائڻو پوندو: آمريڪي صدر

قطر جي مدد سان قيدين جي آزادي واري معاهدي تي ڳالهيون جاري آهن

اميد آهي ته اسپتال جي حوالي سان مداخلت گهٽ ٿيندي

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر جو بائيڊن چيو آهي ته اسرائيل کي غزه ۾ الشفا اسپتال کي بچائڻو پوندو، ان معاملي تي اسرائيل سان رابطي ۾ آهيون پنهنجي بيان ۾ آمريڪي صدر چيو ته اميد آهي ته اسپتال جي حوالي سان مداخلت گهٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي ۾ سمگل ٿيل آٽو پارٽس جي کيپ پڪڙي وئي

ضبط پارٽس جي ماليت ڏيڍ ارب رپيا آهي، ڇاپو سائيٽ جي علائقي ۾ هنيو ويو

3 مهينن ۾ ڪسٽمز ڪراچي 4 ارب رپين جون سمگل ٿيل شيون ضبط ڪيون

ڪراچي (رپورٽر) ڪسٽم انٽيليجنس سائيٽ جي علائقي ۾ ڇاپو هڻي سمگلڊ آٽو پارٽس جي کيپ پڪڙي ورتي، ضبط پارٽس جي ماليت ڏيڍ ارب رپيا آهي. ڊائريڪٽر ڪسٽم انٽيليجنس حبيب احمد وڙائچ ٽيم سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

Cambridge School
SUPPORT FREEDOM AND JUSTICE FOR PALESTINIAN NATION
FREE GHAZA
FREE PALESTINE

حيدرآباد: شاگرديائون فلسطينن سان يڪجهتي طور ريليون ڪڍي رهيون آهن

نگران وڏي وزير چوکنڊي قبرستان ۾ آرڪيالاجيڪل پارڪ جي قيام لاءِ تجويزون گهري ورتيون

وڏي وزير جسٽس باقر پاران چوکنڊي قبرستان کي آرڪيالاجيڪل پارڪ بڻائڻ جي هدايت، قبرستان جي ڀرپاسي کان حدخلين هٽايون وڃن، وڏي وزير جسٽس باقر جو حڪم

هن قبرستان جي چوڌاري حدخلين ۽ هر قسم جي تنظيمن کي ختم ڪري ان جاءِ تي فنڊريزنگ ميوزيڪل ايونٽ ڪرائڻ لاءِ انتظام ڪرڻ جو حڪم ڏنو: ذريعا

مان پاڻ ڏٺو ته پٿرن جي ڪٽيل قبرون ۽ مقبرا زبون حال آهن جن کي جلد بحال ڪرڻ جي ضرورت آهي، هن قبرستان پر سان حدخلين ۽ غير قانوني اڏاوتن جو پڻ جائزو ورتو: مقبول باقر

ڪوئيٽا (م د) وطن واپسي ڪانپوءِ پهريون ڀيرو ڪوئيٽا پهتل نواز شريف سان بلوچستان جي سياسي قيادت جي ملاقاتون جاري، ملاقات ۾ بي اي پي، نيشنل پارٽي، جمعيت، پشتونخواهه ميپ ۽ ٻين جماعتن جا اڳواڻ شريڪ آهن سينيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سپريم ڪورٽ فيض حميد خلاف معيز احمد جي درخواست اڪلائيندي لکت فيصلو جاري ڪري ڇڏيو

فيض حميد جي چوڻ تي ڪائنس قيمتي سامان ڦريو ويو، فيض حميد ان تي ۽ گهرڀاتين تي ڪوڙا ڪيس ٺاهيا: درخواستگذار

عدالت سوال ڪيو اهو ڪيس عام مفاد جو ڪيئن ٿو ٿئي؟ سپريم ڪورٽ کانسواءِ ڪارروائي لاءِ ڪو لاڳاپيل فورم نٿو نهي

درخواستگذار فيض حميد خلاف بچاءَ واري وزارت سان رابطو ڪري سگهي ٿو، سپريم ڪورٽ آرٽيڪل 184/3 جي معيار تي پورو نه لهڻ تي درخواست اڪلائي ڇڏي

اسلام آباد (بيورو) سپريم ڪورٽ فيض حميد خلاف معيز احمد جي درخواست اڪلائيندي لکت فيصلو جاري ڪري ڇڏيو لکت فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته درخواستگذار معيز احمد، فيض حميد خلاف اختيارن جي ناجائز استعمال جي درخواست ڪئي، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪوئيٽا پهتل نواز شريف سان بلوچستان جي سياسي قيادت جي ملاقات

ملاقات ۾ صادق سنجراڻي، خالد مگسي، عبدالمالڪ بلوچ، جان محمد جمالي، صالح ڀوتاڻي، منظور ڪاڪڙ، نواب اياز جوگيزئي ۽ ٻيا به موجود هئا

نوازشريف جي دوري دوران بلوچستان جون اهم سياسي شخصيتون نون ليگ ۾ شموليت جو اعلان ڪنديون: ن ليگ جي ترجمان مريم اورنگزيب

نواب چنگيز مري، سردار عبدالرحمان کيتران، محمد خان طور ۽ محمد خان لهڙي نون ليگ ۾ شموليت جو باضابطا اعلان ڪندا: ن ليگ اڳواڻ

ڪوئيٽا (م د) وطن واپسي ڪانپوءِ پهريون ڀيرو ڪوئيٽا پهتل نواز شريف سان بلوچستان جي سياسي قيادت جي ملاقاتون جاري، ملاقات ۾ بي اي پي، نيشنل پارٽي، جمعيت، پشتونخواهه ميپ ۽ ٻين جماعتن جا اڳواڻ شريڪ آهن سينيٽ جو چيئرمين صادق سنجراڻي، خالد مگسي، عبدالمالڪ بلوچ، جان محمد جمالي، صالح ڀوتاڻي، منظور ڪاڪڙ، نواب اياز جوگيزئي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي پوليس جو جعلي انجڻ آئل جي گودام تي ڇاپو

هٽ آيل پلاسٽڪ ڪين بوتلون ۽ ڪارٽن ۾ جعلي انجڻ آئل پيڪ ڪري شهر ۾ جعلي آئل جي ڊيلرن کي سپلاءِ ڪيو وڃي ٿو: ايس ايس پي ڪياماڙي

ڇاپي دوران جعلي انجڻ آئل ٺاهيندڙ گودام مان بوتلون ۽ ڪين ٺاهڻ ۾ استعمال ٿيندڙ پلاسٽڪ داڻي جا 20 ٻورا هٿ ٿيا آهن، جن جو وزن 500 ڪلو آهي

بلديا پوليس پيڪنگ گودام تي ڇاپي ۽ سامان هٿ اچڻ جي حوالي سان ڪيس داخل ڪري ورتو، جڏهن ته ان حوالي سان ڪائي گرفتاري ناهي ٿي سگهي

اسلام آباد (بيورو) بلديا ٽائون پوليس بلديا 3 نمبر ڏهلي ڪالوني ۾ جعلي انجڻ آئل جي پيڪنگ متيريل جي گودام تي ڇاپو هڻي وڏي انگ ۾ امپورٽڊ ڪمپنيز جا برانڊنگ وارا پلاسٽڪ ڪين، بوتلون، سيلون، ڍڪڻ، ڪارٽن، پلاسٽڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پي سي بي چيئرمين آءِ سي سي جي ڀارت ۾ رٿيل اجلاس ۾ 17 نومبر تي ڀارت ويندو

لاهور (م د) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي مئنيجمينٽ ڪميٽيءَ جو سربراهه ذڪاء اشرف 17 نومبر تي ڀارت ويندو ذريعن موجب، ذڪاء اشرف پي سي بي آپريٽنگ آفيسر سلمان نصير سان گڏ ڀارت لاءِ روانو ٿيندو پي سي بي چيئرمين 18 نومبر تي آءِ سي سي جي ڀارت ۾ رٿيل اجلاس ۾ شرڪت ڪندو انڪانسواءِ ذڪاء اشرف عالمي ڪپ جو فائنل پڻ ڏسندو

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير عشرت حسين ازبڪستان جي وفد سان ملاقات ڪندي

سينيٽر سعديه عباسي منظور ڪيل قرارداد تي سوال اٿاري ڇڏيا

گذريل ڏينهن سينيٽ آرمي ايڪٽ ۾ ترميم بابت سپريم ڪورٽ فيصلي جي خلاف قرارداد منظور ڪئي: سعديه عباسي

جڏهن رڳو 12 ميمبر ايوان ۾ موجود هئا، ايجنڊي ۾ جيڪا شئي شامل نه هئي ان کي پيش ڪيو ويو، هي قرارداد جمهوريت جي نفي آهي

ايوان قائدن ۽ ضابطن کان هٽي جيڪو ڪم ڪيو اسان ان کي سپورٽ نٿا ڪريون، اسان ڪنهن به صورت ملٽري ڪورٽس جي اجازت نٿا ڏئي سگهون

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان مسلم ليگ ن جي اڳواڻ ۽ سينيٽر سعديه عباسي سينيٽ ۾ آرمي ايڪٽ ۾ ترميم بابت سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي خلاف قرارداد جي منظوري تي سوال اٿاري ڇڏيا، اڳاري تي سينيٽ ۾ ڊپٽي چيئرمين مرزا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي اپيل تي سائفر ڪيس جي جيل ۾ ٻڌڻي روڪڻ جو حڪم

جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب ۽ جسٽس ثمن رفعت امتياز تي ٻڌل بينچ پي ٽي آءِ چيئرمين جي انٽرا ڪورٽ اپيل تي ٻڌڻي ڪئي

اٽارني جنرل منصور اعوان عدالت کي ٻڌايو ته وفاقي ڪابينه سائفر ڪيس جي جيل ٽرائل جي منظوري ڏني: ذريعا

اهو نوٽيفڪيشن اسان ڏسنداسين ته ان ۾ ڇا لکيل آهي؟ جيل ٽرائل ٿيندو ته اهو غير معمولي ٽرائل هوندو: عدالت جا ريمارڪس

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي خصوصي عدالت ڪي پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير شاهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

انٽر بئنڪ ۾ ڪاروبار دوران ڊالر ڪجهه پئسا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ وري مهانگو ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) مسلسل بلندي ڏانهن ويندڙ آمريڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪنيي گم ڪيل ماڻهن جي ڪيسن لاءِ گهرو وزير جي سربراهي ۾ ڪاميٽي قائم

اسلام آباد (بيورو) نگران وفاقي حڪومت ڪنيي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير سميع سعيد سان برطانوي وفد ملاقات ڪندي

پاڪستان ڪنزرويٽو پارٽي پاران 24 هين سيرت النبي صه ڪانفرنس منعقد

سيرت النبي صلي الله عليه وآله وسلم ڪانفرنس ناظم آباد ۾ پاڪستان ڪنزرويٽو پارٽي جي زير صدارت ڪوٺائي وئي

ڪانفرنس ۾ مختلف علماءِ اڪرام سميت ٻين سياسي، سماجي مذهبي، اسڪالرن خطاب ڪيو

ڪانفرنس ۾ پاڪستان ويلفيئر هيروز آرگنائيزيشن رجسٽرڊ ۽ گلوبل ڪيئر ڪميونٽي ويلفيئر ايسوسيئيشن پڻ تعاون ڪيو

ڪراچي (پ ر) پاڪستان ڪنزرويٽو پارٽي پاران 24 هين سيرت النبي صلي الله عليه وآله وسلم ڪانفرنس ناظم آباد ۾ پاڪستان ڪنزرويٽو پارٽي جي زير صدارت ڪوٺائي وئي. ڪانفرنس ۾ مختلف علماءِ اڪرام سميت ٻين سياسي، سماجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ذميواري ادا ڪرڻ ۾ لاپرواهي ڪندڙن کي سزا نه ملندي ته سڌارو ممڪن ناهي : ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي

پوليو مهم ۾ خراب ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ٽيمن جا ڊي ڊي ايم ڪارڊ معطل ڪيا وڃن. سيڻي کي خوش رکڻ واري پاليسي تي عمل ڪبو ته بهتري نه اچي سگهندي

پوليو مهم کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ روٽين امونائيزيشن تي به خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. ارڙي کي پکڙجڻ کان روڪڻ لاءِ جوڳا اپاءَ ورتا وڃن

علائقائي صورتحال کي نظر ۾ رکندي پوليو ٽيمن جي جوڙجڪ ڪئي وڃي ته جيئن مهم دوران فيلڊ ۾ ڪين مشڪل پيش نه اچي

گهوٽڪي(ڊ ر)ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي چيو آهي ته ذميواري ادا ڪرڻ ۾ لاپرواهي ڪندڙن کي سزا نه ملندي ته سڌارو ممڪن ناهي. پوليو مهم ۾ خراب ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ٽيمن جا ڊي ڊي ايم ڪارڊ معطل ڪيا وڃن. سيڻي کي خوش رکڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سوهڻا سائين رحمت الله عليه
جي دين ۽ ديني خدمتون
عظيم آهن : ڊاڪٽر سعيد

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ)جماعت اصلاح المسلمين سنڌ جي پريس ترجمان ڊاڪٽر سعيد اعوان چيو آهي ته 40 هون سالانه عظيم الشان عالمي عرس مبارڪ مجدد دين و ملت خواجه خواجگان حضرت الحاج الله بخش المعروف سهڻا سائين رحمة الله عليه جو 2 ۽ 3 ڊسمبر 2023ع تي درگاهه الله آباد شريف ۾ ٽنڊو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

گهوٽڪي: ڊپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪوسڪي جي ڳوٺ عرضي مراداڻي جي ڳوٺاڻن پاران احتجاج

ڳوٺاڻن چڱي مڙس ۽ اڳوڻي ايس ايڇ او ڪوسڪي لياقت پنهور خلاف احتجاج ڪيو

چڱو مڙس عرضي مراداڻي ۽ اڪبر مراداڻي زمينن تي قبضا ڪرڻ چاهين ٿا : مظاهرين

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڪوسڪي جي ڳوٺ عرضي مراداڻي جي ڳوٺاڻن جو چڱي مڙس ۽ اڳوڻي ايس ايڇ او ڪوسڪي لياقت پنهور خلاف احتجاج نوٽيس وٺڻ جو مطالبو خبر موجب ڪوسڪي ويجهو ڳوٺ عرضي مراداڻي جي رهواسين ا جڙيو مراداڻي، نور محمد مراداڻي، رمضان مراداڻي، روشن مراداڻي عوامي پريس ڪلب ڪوسڪي آڳيان ڳوٺ جي چڱي مڙس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سکر ۽ روهڙي ۾ ڪانگو وائرس کان بچاءَ بابت ڪانگو فيور وارڊ جو قيام

ڪانگو وائرس خطرناڪ مرض آهي، بچاءَ لاءِ طريقي ڪار صرف ۽ صرف احتياطي اپائن تي عمل ڪرڻ آهي : ڊي ايڇ او

ڪانگو وائرس هڪ خطرناڪ مرض آهي جيڪو چيچڙ TIK جي ذريعي هڪ جڳهه کان ٻئي جڳهه منتقل ٿئي ٿو

مرض جانور ۽ انسان ۽ پوءِ انسان سان انسان ۾ پکڙجي ٿو. صحت کاتو سنڌ ڪانگو وائرس کان بچاءَ لاءِ جوڳا قدم کڻي پيو

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) صحت کاتي سنڌ جي حڪمن بعد سکر ۽ روهڙي ۾ ڪانگو وائرس کان بچاءَ جي سلسلي ۾ ڪانگو فيور وارڊ جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي ڊي ايڇ او سکر جو وارڊ ۽ انتظامن جو جائزو ورتو ڊاڪٽر ۽ عملي کي هدايت ڪئي ته ڪانگو وائرس هڪ خطرناڪ مرض آهي ان کان بچاءَ لاءِ طريقي ڪار صرف ۽ صرف احتياطي اپائن تي عمل ڪرڻ آهي. وزير احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪراچي : ڪنيي گم ڪيل آفتاب
بروهي کي ڪورٽ ۾ پيش نه ڪرڻ
تي عدالت پاران ڪاوڙ جو اظهار

ڪراچي(رپورٽر) ڪنيي گم ڪيل آفتاب بروهي کي ڪورٽ ۾ پيش نه ڪرڻ تي سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران سورجاڻي پوليس کي چنڊ ۽ جي آءِ ٽي پاران پيش ڪرڻ جو حڪم تفصيل موجب سورجاڻي ٿاڻي جي جاچ پوليس انچارج سب انسپيڪٽر طارق خالد پاران ايڊووڪيٽ امتياز بروهي ۽ سندس ننڍي ڀاءُ آفتاب بروهيءَ کي ڪنيي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سکر: ڊي ايڇ او ڪانگو وائرس قائم ڪيل وارڊ جو معائنو ڪري رهيو آهي

دادو پرسان شادي شده ناري پاران پنهنجي ماءُ خلاف احتجاج

ماءُ منهنجي مٿان ڏباءُ وجهي مڙس زاهد لنڊ کان طلاق وٺڻ لاءِ زور پري رهي آهي : مهتاب

منهنجي ماءُ پهريان به ڪوڙو ڊرامو ڪري منهنجي مڙس مٿان منهنجي اغوا جو ڪيس داخل ڪرايو هو

منهنجي پاءُ علي رضا لنڊ کي لوڊر رڪشو هٽي زخمي ڪيو آهي، ان بعد پنهي ڌرين ۾ تڪرار هلندڙ آهي

دادو(ن سنڌيار) دادو پرسان ڳوٺ دبي شريف ۾ سس ۽ نياڻي لڄ ۾ ٿيل سنگواٽي تڪرار وارو معاملو، ڳوٺ دبي جي رهواسي شادي شده ناري مهتاب لنڊ جو پنهنجي ماءُ ممتاز بيگم لنڊ خلاف احتجاج ناري مهتاب ڏانهو ته منهنجي ماءُ مسمات ممتاز خاتون 2 سال اڳ پنهنجي راضي خوشي سان زاهد لنڊ سان منهنجي شادي ڪرائي هئي هاڻي منهنجي ماءُ منهنجي مٿان زبردستي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڪڍڻ-ڪنيرو لنڪ روڊ 30 سال گذرڻ ڪانپوءِ تعمير مڪمل نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

مختلف ڳوٺن جي رهواسين منير نوتيار، پپو پيل، مشتاق ملاح ۽ ٻين جو احتجاجي مظاهرو احتجاجي مظاهرو ڪيو

هن روڊ کي 30 سال گذري ويا آهن مڪمل نه ٿي سگهيو آهي، هن وقت روڊ هنڌان هنڌان ٽٽي تباهه ٿي ويو آهي : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي ڪڍڻ ڪنيرو لنڪ روڊ تعمير ڪرائي اسان کي سفري سهولت ۾ ايندڙ پريشانيون ختم ڪرايون وڃن

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڪڍڻ ــ ڪنيرو لنڪ روڊ 30 سال گذرڻ ڪانپوءِ تعمير مڪمل نه ٿيڻ خلاف رهواسين جو احتجاجي مظاهرو خبر موجب ڪڍڻ ڪنيرو لنڪ روڊ 30 سال گذرڻ باوجود تعمير مڪمل نه ٿيڻ خلاف مذڪورا روڊ جي مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺٽي روينيو کاتي ۾ به
بدلين توڙي مقررين
وارو عمل شروع ٿي ويو

ٺٽو(ڊ ر) ٺٽي روينيو کاتي ۾ به بدلين توڙي مقررين وارو عمل شروع ٿي ويو آهي، ان سلسلي ۾ شعيب احمد قادري جديشنلي برانچ ٺٽو، فهد پيرليٽيگيشن برانچ ٺٽو، آفتاب ٻجورو ڪلرڪ مختيارڪار آفيس ٺٽو، گدا حسين ابڙو مختيارڪار هيڊ ڪوارٽر ٺٽو، توفيق ميمڻ ريڊر ڊي سي ٺٽو، اسماعيل جتوئي ريڊر اي سي ساڪرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين: روڊ جي تعمير مڪمل نه ٿيڻ خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

وڏي وزير پاران چوکنڊي قبرستان کي آرڪيالاجيڪل پارڪ بڻائڻ جي هدايت

قبرستان جي ڀرپاسي کان حدخلين هٽايون وڃن، وڏي وزير جسٽس باقر جو حڪم

سيڪيورٽي خطرن ۾ قبرستان مان قديم اثاثن ۽ پٿرن جي چوري شامل آهي : ڊاڪٽر ڪليم لاشاري

مقبرا اهرام جي شڪل ۾ بلند پليٽ فارمن تي ٺهيل آهن جن ۾ آرائشي پٿر جي سليبن تي انساني ۽ علامتي شڪلين ٺهيل آهن

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چوکنڊي قبرستان ۾ آرڪيالاجيڪل پارڪ جي قيام لاءِ تجويزون گهري ورتيون آهن جڏهن ته ان پنهنجي دوري دوران هن قبرستان جي چوڌاري حدخلين ۽ هر قسم جي تنظيمن کي ختم ڪري ان جاءِ تي فنڊريزنگ ميوزيڪل ايونٽ ڪرائڻ لاءِ انتظام ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. هن اهڙا حڪم اگاري ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

قمبر-شهدادڪوٽ ۾ شروع ٿيندڙ پوليو مهم بابت ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ اجلاس

جنهن به ٻارڙن جا والدين پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن انهن سان ملاقات ڪري انهن کي سمجهائڻ : ڊپٽي ڪمشنر

سمورا والدين پنهنجن پيارن ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارين ته جيئن هو هن موذي مرض کان بچي سگهن : سجاد حيدر قادري

ڊي ايڇ او قمبر شهدادڪوٽ ڊاڪٽر نياز حسين جمالي، ڊاڪٽر عبدالعزيز منگي، ڊاڪٽر الطاف حسين ٻرڙو ۽ ٻين جي پڻ شرڪت

وارهه(رپورٽ طالب حسين چانڊيو)ضلعي قمبر-شهدادڪوٽ ۾ شروع ٿيندڙ پوليو مهم جي حوالي سان ڊپٽي ڪمشنر قمبر سجاد حيدر قادري جي صدارت هيٺ ڊي سي آفيس قمبر ۾ ڊي پيڪ جي ميٽنگ ٿي گذري، جنهن کي ڊاڪٽر فريد احمد لاڙڪ پوليو اسٽاف آفيسر بريفنگ ڏيندي چيو ته اسان جي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ٽوٽل آبادي لڳ ڀڳ 14 لک آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهرو فيروز جي پير
ڪمال سهروردي جي
جنازي نماز ادا ڪئي وئي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)نوشهرو فيروز جي پير ڪمال سهروردي جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ هزارين جي تعداد ۾ شهرين ۽ مريدن شرڪت ڪئي بعد ۾ ڪيس اباڻي قبرستان ميان عدر سلطان نوشهرو فيروز ۾ سندن وڏي بزرگ حضرت پير ڪمال سهروردي جي آخري ابدي آرامگاهه ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

وارهه: ڊپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٿرپارڪر جو فوجي جوان سهيل نهڙي اتر وزيرستان مان ملڪ دشمنن سان وڙهندي شهيد ٿي ويو

شهيد فوجي جوان جو مڙهه اباڻي ڳوٺ گوگاسر تساڻي پهچڻ تي فوجي عزاز سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

سهيل احمد نهڙي ڏيڍ سال اڳ ۾ پاڪ فوج ۾ ڀرتي ٿيو هو ۽ هو غيرشادي شده هو ۽ سوڳوارن ۾ ماءُ پيءُ ۽ ٻه ڀاءُ ۽ ڀينرن شامل

شهيد فوجي جوان جو مڙهه اباڻي ڳوٺ گوگاسر تساڻي پهچايو ويو جتي پاڪ فوج جي دستي ڪيس سلامي ڏني وئي

مٺي(رپورٽر) ٿرپارڪر جو فوجي جوان سهيل نهڙي اتر وزيرستان ۾ ملڪ دشمنن سان وڙهندي شهيد ٿي ويو شهيد فوجي جوان جو مڙهه اباڻي ڳوٺ گوگاسر تساڻي پهچڻ تي فوجي عزاز سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. خبر موجب ڏاهلي تعلقي جي ڳوٺ گوگاسر تساڻي جو نوجوان پاڪ آرمي جو سپاهي 22 ورهين جو سهيل احمد پٽ اوڀايو نهڙي اتر وزيرستان ۾ ملڪ دشمن دستگردن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نئون ڪوٽ جي بازار ۾ موالي کهاڙي ڪٽي شهرين پويان ڪاهي پيو

پوليس موالي خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران ڪيس مينٽل قرار ڏئي وٺان کهاڙي کسي رئي

موالي روزاني مارڪيٽ ۾ سرعام کهاڙي کڻي شهرين سان منهن ماري ڪندو رهي ٿو : شهري

نئون ڪوٽ(رپورٽر) نئون ڪوٽ جي بازار ۾ موالي کهاڙي کڻي شهرين پويان ڪاهي پيو، شهرين ۾ ڀاڄ، پوليس موالي خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران ڪيس مينٽل قرار ڏئي وٺان کهاڙي کسي ڪيس ڇڏي روانو ٿي وئي، شهرين ۾ خوف ڇانيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

بدين پرسان پرائمري اسڪول ولي محمد شاهاڻي جي مرمت نه ٿي سگهي

چاپڙ ڪرڻ سبب استادن شاگردن ۽ شاگردياڻين جي زندگي خطري ۾ پيل، اختياريون خاموش

فوري مرمتي ڪم ڪرائي شاگردن جي تعليم متاثر ٿيڻ کان بچائي وڃي : رهواسي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ميونسپل جي حد ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ولي محمد شاهاڻي اسڪول بلڊنگ جي مرمت لاءِ سيشن جج بدين پاران ورتل نوٽيس کي به سال گذرڻ باوجود ايجوڪيشن ورڪس کاتي عمل نه ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بدين : انتظاميه جي نااهلي سبب ٿيل تباهه ٿيل اسڪول جو ڏيک

سکر ۾ بااثر بلڊر رائو شاڪر پرائمري اسڪول جو رستو بند ڪري ڇڏيو

سالن کان علائقي واسين لاءِ قبضا گير بااثر بلڊر رائو شاڪر آزار بڻيل آهي : مظاهرين

نوٽيس وٺي اسڪول جو بند ڪيل رستو بحال ڪري پريشان ٿيڻ کان بچايو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ)سکر جي بچل شاهه مياڻي واري علائقي ۾ بااثر بلڊر رائو شاڪر پرائمري اسڪول صدورو شيخ جو رستو بند ڪري ڇڏيو اسڪولي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽو : فوجي عدالتون ختم ٿيڻ ڪري شهيد جوانن جا وارث سخت پريشان

شهيدن جي وارثن پاڪستان کان فوجي عدالتن کي بحال ڪرڻ جي گهر ڪري ڇڏي

وارثن کي تڪڙو انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ فوجي عدالتن کي بحال رکيو وڃي : اڳواڻ

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) فوجي عدالتون ختم ٿيڻ ڪري شهيد جوانن جا وارث سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. جن فورن سپريم ڪورٽ اف پاڪستان کان فوجي عدالتن کي بحال ڪرڻ جي گهر ڪري ڇڏي آهي. ان سلسلي ۾ جنگشاهي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهروفيروز ۾ نائين ڏينهن به ميونسپل ملازم سراپا احتجاج

اسان ٽن مهينن کان فاڪا ڪشيءَ جي زندگي پيا گذاريون : مظاهرين

دڪاندارن اسان گهر جو سيڌو ڏيڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو آهي

نوشهرو فيروز(اسد علي عمراڻي) اڄ نائين ڏينهن به ميونسپل ملازم سراپا احتجاج ڪالهه ڊي سي آفيس جي گيٽ تي ڌرڻو هنيو اي ڊي سي ٽو جي يقين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهروفيروز : ميونسپل ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽي پرسان تيز رفتاري سوزوڪي ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر، هڪ زخمي

زخمي کي سوزوڪي وارن سول اسپتال مڪلي پهچائي ڪيس اسپتال ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو

زخمي شخص جي سڃاڻپ ٿي ناهي سگهي، پوليس وارثن جي ڳولا جاري ڪري ڇڏي

ٺٽو(ڊ ر)ٺٽي پرسان دولهه درياءَ خان پل وٽ تيز رفتاري سوزوڪي ۽ موٽر سائيڪل ۾ زوردار ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار سخت زخمي ٿي پيو، جنهن کي حادثو ڪندڙ سوزوڪي وارن سول اسپتال مڪلي پهچائي ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سچل ڳوٺ ۽ ٻين علائقن ۾ گندگي ڦهليل آهي : جماعت اسلامي ڪراچي

چونڊجي آيل چيئرمينن هڪ سال جي عرصي ۾ عوامي ڀلائيءَ جو ڪو به ڪم ناهي ڪرايو

پيئڻ جي پاڻي جي سهولت کان اڪثر علائقن جا رهواسي محروم آهن، کيرواهر ڪرڻ وارو ناهي

ڪراچي(رپورٽ باغي ساگر ڀهٽو)جماعت اسلامي پبلڪ ايڊ ڪاميٽي صفوران ٽائون جي اڳواڻن پاران پاڪستان پيپلزپارٽي جي چونڊيل مڪاني نمائندن پاران هڪ سال جو عرصو گذري وڃڻ باوجود ترقياتي ڪم نه ڪرائڻ تي سخت تنقيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪراچي : جماعت اسلامي جا اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

شڪارپور ۾ پوليو مهم جي تيارين بابت ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ اجلاس

ايندڙ پوليو مهم کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ مائڪرو پلان تي عمل ڪيو وڃي : ڊپٽي ڪمشنر

اي پي آءِ وارا روزانه جي بنياد تي پنهنجي فيلڊ ڪم جاري رکن

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) 27 نومبر سومر ڏينهن کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم جي تيارين بابت ڊپٽي ڪمشنر آفيس شڪارپور ۾ گڏجاڻي ٿي گذري، گڏجاڻيءَ جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور الطاف احمد چاچڙ ڪئي. گڏجاڻيءَ ۾ بريفنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نگران وڏي وزير جسٽس باقر سان مختلف تنظيمن ۽ ادارن جي ڊاڪٽرن جي ملاقات

اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن نگران حڪومت جي مشاورتي عمل جي واکاڻ ڪئي وئي

سنڌ جي عوام جي بهتر خدمت ڪرڻ لاءِ پاليسي اپاءَ وٺڻ جي تجويز ڏني وئي

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر سان مختلف طبي ادارن جي ڊاڪٽرن جي وفد وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات ڪئي. وفد جي ميمبرن ۾ اير اي، سي پي ايس پي، ينگ ڊاڪٽرز ايسوسي ايشن، پيپلز ڊاڪٽرز فورم، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

خانپور مهر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران مختلف اسڪولن جا دورا

اسسٽنٽ ڪمشنر ٻارن کان مختصر ٽيسٽ ورتي، ٻارن ۾ تحفا پڻ تقسيم ڪيا ويا

ٻارن جي ذهني سوچ کي تبديل ڪرڻ لاءِ انهن سان نرم رويو رکجي : ردا زهرا ٽالپر

خانپور مهر(رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر ۾ خاتون اسسٽنٽ ڪمشنر خانگڙهه ردا زهرا ٽالپر مختلف اسڪولن جي چڪ سيال ۽ سردار ڳوٺ جي پرائمري اسڪول دورو خبرموجب خانپورمهر ۾ خاتون اسسٽنٽ ڪمشنر خانگڙهه ردا زهرا ٽالپر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

خانپور مهر: اسسٽنٽ ڪمشنر ردا زهرا ٽالپر ٻارن ۾ ڪتاب ورهائي رهي آهي

نوشهروفيروز ۾ لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن پاران احتجاج جاري، نعريبازي

ملازمن کي پگهارون نه ملڻ خلاف نائين ڏينهن پريس ڪلب آڏو ڌرڻو ڪم ڇڏ هڙتال جو اعلان

احتجاج دوران ڌرڻي واري جاءِ تي ميونسپل آفيسر ۽ وائيس چيئرمين ڊاڪٽر ڪاشف ميمڻ پهتا

اسان جا جائز مطالبا تسليم ڪري ملازمن جون جلد کان جلد پگهارون ڪيون وڃن : ملازم

نوشهرو فيروز(ڊ ر) آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن ضلع نوشهرو فيروز پاران ميونسپل ڪاميٽي نوشهرو فيروز جي ملازمن کي پگهارون نه ملڻ خلاف نائين ڏينهن پريس ڪلب آڏو ڌرڻو ڪم ڇڏ هڙتال جو اعلان. احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر ڊويزن جي ڊائريڪٽر انفارميشن
اطلاعات کاتي جي آفيسرن پاران
مختلف اخبارن جي اسٽالن جو دورو

سکر(بيورو رپورٽ)سکر ڊويزن جي ڊائريڪٽر انفارميشن اطلاعات کاتي جي آفيسرن آفيسر غلام رضا ڀٽي ۽ انفارميشن آفيسر سيد محسن رضا شاهه سان گڏجي تعلقي روهڙي ۾ پٺاڻي نيوز ايجنسي سميت مختلف اخبارن جي اسٽالن جو دورو ڪري اخبارن ۽ ڊائجيسٽ جي سرڪيوليشن بابت جاچ ورتي جنهن جي رپورٽ ڊائريڪٽر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز: لوڪل گورنمينٽ جا ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

جهڏو ۾ اي سي پاران حدخلين خلاف ڪارروائي، ڇپرا دڪا صندل ريڙها ڪيئنون ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيون

اڳ ۾ ئي اطلاع ڪري ڇڏيو هو ته پاڻمرادو حدخلين ۽ قبضا خالي ڪري ڇڏيو پر شهرين ڪو عمل نه ڪيو : اي سي

شهرين اعلان تي ڪو به عمل نه ڪيو جنهن بعد اڄ اسان آپريشن شروع ڪيو آهي سموري شهر مان حدخلين ۽ قبضا هٽايا ويندا

جهڏو(رپورٽر) جهڏو ۾ اي سي پاران حدخلين خلاف ڪارروائي ڇپرا دڪا صندل ريڙها ڪيئنون ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيون، اسسٽنٽ ڪمشنر جهڏو شبير جان جسڪاڻي، مختيار ڪار علي شير سميجو جهڏو ٽائون انتظاميا ۽ پوليس جي مدد سان شهر جي اسٽيشن روڊ ريلوي گرائونڊ جهڏو ناڪي ۽ ٻين هنڌن تي ناجائزاڏاوتون ڪري ويٺل ماڻهن جا ڇپرا هوٽل دڪانن جي اڳيان ٺهيل دڪا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٿرپارڪر ۾ تعليمي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن : ڊپٽي ڪمشنر

ضلعي آفيسرن سميت تعلقي آفيسر اسڪولن جو دورو ڪري اسڪولن ۾ استادن ۽ شاگردن جي حاضري کي يقيني بڻائين

جيڪي به استاد اسڪول وڃڻ بدران ڪاروبار ڪري رهيا آهن انهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي وڃي، آفيسر ۽ استاد ڳوٺاڻن سان ملاقات ڪري ٻارن جي حاضري کي يقيني بڻائين

مٺي(ب ر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاڳيراڻي تعليم کاتي جي آفيسرن سان گڏجاڻي دوران چيو آهي ته ٿرپارڪر ۾ تعليمي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوششون ڪيون پيون وڃن ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي. هن هدايت ڪئي ته ضلعي آفيسرن سميت تعلقي آفيسر اسڪولن جو دورو ڪري اسڪولن ۾ استادن ۽ شاگردن جي حاضري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

وارهه ۾ زرعي زمين تي قبضي
خلاف متاثر پاران احتجاج،
انصاف جي گهر ڪري ڇڏي

وارهه(رپورٽ طالب حسين چانڊيو)وارهه ۾ زرعي زمين تي قبضي خلاف متاثر جو احتجاجي بينر کڻي تعلقه پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاجي مظاهرو انصاف جي گهر. وارهه حمل پاڙي جي رهواسي عبدالغفار ٻرڙو پاران موروثي ملڪيت زرعي زمين تي مبينه قبضي خلاف احتجاج ڪندي صحافين اڳيان ڏانهيندي الزام لڳايو تعلقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

مٺي : ڊپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

خانپور مهر پرسان حضرت لال شاهه بخاري جو ساليانو ٽن ڏينهن وارو ميلو شروع

هلندڙ ميلي ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي مختلف علائقن مان آيل مل پهلوان ۾ مقابلو جاري

ميلي جي صوفي فنڪار توڙي علائقي فنڪار پڻ فن جو مظاهرو ڪري رهيا آهن : اڳواڻ

ماڻهو وٽ ڪا به سهولتون اتي اهڙا ميلا ماڻهن جي تفريح جو مرڪز هجن ٿا جنهن ۾ وڏي انگ ماڻهو شرڪت ڪن ٿا

خانپور مهر(رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر پرسان شاهپورمهر ۾ حضرت لال شاهه بخاري جو ساليانو ٽن ڏينهن وارو ميلو شروع ٿي ويو ميلي جو افتتاح اڳوڻي يوسي ناظم ۽ موجوده ضلعي ڪائونسل گهوٽڪي جي ميمبر حاجي علي ڏنو خان مهر درگاهه لال شاهه بخاري جي مزار تي چادر چاڙهي دعائون گهري افتتاح ڪيو ويو ٽن ڏينهن تائين هلندڙ ميلي ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي مختلف علائقن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

شڪارپور ضلعي ڪائونسل جو اجلاس، اسرائيل خلاف مذمتي قرارداد منظور

اسرائيل فلسطينين جي اسپتالن، اسڪولن، گهرن تي بمباري ڪري معصوم ماڻهن جو قتل عام ڪري رهيو آهي : ذوالفقار علي ڪماريو

وڏو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو آهي، اسان هن قرارداد ذريعي اسرائيل جي دهشتگردي جي ڀرپور لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا

ترقياتي ڪمن لاءِ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبرن کي هڪ هڪ ڪروڙ ۽ ريزرو ميمبرن کي 20_20 لک جون ترقياتي اسڪيمون ڏنيون وڃن

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) شڪارپور ضلعي ڪائونسل جو اجلاس الحاج غوث بخش خان مهر هال ۾ ٿي گذريو اجلاس جي صدارت ضلعي چيئرمين ذوالفقار علي خان ڪماريو ڪئي. اجلاس ۾ اسرائيل خلاف مذمتي قرارداد ۽ مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٺٽي ۾ نامعلوم هٿياربند 30
هزار روپيه روڪ رقم ۽ ون ٽو
فائي موٽرسائيڪل ڦري ويا

ٺٽو(ڊ ر)ٺٽي شهر جي بخاري محلي جي رهواسي واپاري صدام ڪوسو کان چوهڙجمالي روڊ تي نامعلوم هٿياربند ڦورو هٿيارن جي زور تي 30 هزار روپيه روڪ رقم ۽ ون ٽو فائي موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا. ڦرجي ويل ٺٽي واسي واپاري صدام ڪوسو ايس ايس پي سجاول کان فوري طور نوٽيس وٺي ڦر ڪيل روڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

شڪارپور : ضلعي ڪائونسل جي اجلاس دوران ميمبر ويٺل آهن

خيرپور پرسان ٽنڊومستي پوليس گرفتار همراهه کي ڳولين هڻي ڇڏيون

مقابلي بعد وحيد علي ميتلو کي زخمي حالت ۾ پسٽل ۽ ڦر ٿيل موٽرسائيڪل سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

مقابلي بعد زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل جوابدار پوليس کي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل هو : پوليس

زخمي ڌوهاري کي علاج لاءِ پوليس سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان ٽنڊومستي پوليس گرفتار همراهه کي ڳولين هڻي ڇڏيون. مقابلي جي دعويٰ ڪئي وئي آهي رپورٽ موجب ٽنڊومستي پوليس گذريل رات ديرسان مقابلي بعد وحيد علي ميتلو کي زخمي حالت ۾ پسٽل ۽ ڦر ٿيل موٽرسائيڪل سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ان سلسلي ۾ علائقي اندر چوپول هلي رهيا آهن جوابدار کي ٽنڊومستي پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دادو ۾ ڪانگو وائرس کان بچاءُ ۽ احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ بابت اجلاس منعقد

ملڪ ۾ ڪانگو بيماري هلي رهي آهي ۽ اسان کي ڪمشنر حيدرآباد جي معرفت سنڌ حڪومت جون خاص هدايتون آهن : ڊپٽي ڪمشنر

لاڳاپيل آفيسرن سان گڏجاڻي ڪري احتياطي اپاءَ ورتا وڃن ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته عوام ڪانگو وائرس کان بچي سگهي

ضلعي اندر چوپائي مال کي ڪانگو وائرس جي بچاءَ لاءِ چچڙن جي بچاءَ ٻين بيمارين جي بچاءَ جي وئڪسين ڪئي وئي آهي

دادو(رپورٽر)ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو جي صدارت ۾ ڪانگو وائرس کان بچاءُ ۽ احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪ اهم گڏجاڻي سنڌس آفيس ۾ ٿي، ان موقعي تي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو چيو ملڪ ۾ ڪانگو بيماري هلي رهي آهي ۽ اسان کي ڪمشنر حيدرآباد جي معرفت سنڌ حڪومت جون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

بدين ۾ وحشي جوابدار پاران نشي
۾ ڌت ٿي 6 ورهين جي معصوم
نياڻي سان جنسي ڏاڍائي ڪوشش

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) گلاب لغاري ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ ٽالهوفارم تي 40 ورهين جي شخص رام سن بجائي پاران نشي ۾ ڌت ٿي 6 ورهين جي معصوم نياڻي ڏاڏي ڪريم بخش ٿهيم کي مبينا زوري جهنگ ۾ کهلي جنسي ڏاڍائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٻارڙي جي رڙين تي ڳوٺاڻن جوابدار کي سوگهو ڪري گلاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

دادو: ڊپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

بلڙي شاهه ڪريم پرسان روڊ جو ڪم ٺيڪيدار پاران ڪارپيٽ نه ڪرڻ خلاف مظاهرو

غلام حسين برهماڻي، ممتاز برهماڻي، لهورايو برهماڻي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي

ست مهينا گذرڻ جي باوجود اڄ ڏينهن تائين ٺيڪيدار روڊ جو ڪارپيٽ ناهي ڪرايو پر اختياريون خاموش آهن : مظاهرين

جلد کان جلد ٺهيل روڊ جو رهيل ڪارپيٽ وارو ڪم مڪمل ڪرايو وڃي، ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بلڙي شاهه ڪريم(رپورٽر) بلڙي شاهه ڪريم پرسان نڪرجي فارم کان آبادگار شگر مل واپا ستر موري تائين چوڏهن ڪلوميٽر ٺهيل روڊ جو ڪم ٺيڪيدار پاران ڪارپيٽ نه ڪرڻ خلاف ڳوٺ راهو هاليپوٽو، سنڌيونائيٽيڊ پارٽي بلڙي شاهه ڪريم جي اڳواڻ غلام حسين برهماڻي، ممتاز برهماڻي، لهورايو برهماڻي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعري بازي ڪئي وئي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 15 نومبر 2023ع

ڦٽاڪا ۽ آتشبازي: خوشيءَ جي اظهار جو نقصانڪار طريقو

دُنيا ۾ ڪنهن ڏڻ يا خوشيءَ جي موقعي تي خُوشيءَ جي اظهار لاءِ مختلف طريقا اختيار ڪيا ويندا آهن. ننڍي کنڊ ۾ پڻ مذهبي ۽ ثقافتي تهوارن جي موقعي تي خوشيءَ جو اظهار مختلف انداز سان ڪيو وڃي ٿو. شب برات ۽ ڏياريءَ جي ڏڻ جي موقعي تي ڦٽاڪا ٻارڻ سان ڌڙڪا ۽ ڌماڪا پيدا ڪري خوشيءَ کي اظهاريو وڃي ٿو. ان سان جذبن جي تسڪين ته ٿئي ٿي پر ڦٽاڪن سان هر سال وڏو نقصان ٿئي ٿو. ڪيترن ئي ماڻهن جون زندگيون ضايع ٿي وڃن ٿيون. ڪيترا ماڻهو صحت ۽ سگهائي وڃائي ٿا ويهن. خاص طور تي ٻارڙن جي حياتين کي هاڃو رسي ٿو. جهوپڙيون، جهڳيون ۽ ڪچا گهر سڙي ٿا وڃن. اهڙا واقعا هر سال رپورٽ ٿيڻ باوجود انهن کي روڪڻ لاءِ اثرائتا اُپاءَ نٿا ورتا وڃن. اهڙيون ئي ٻه خبرون ڪالهوڪي "پنهنجي اخبار" ۾ پڻ رپورٽ ٿيون آهن. هڪ خبر موجب: مٺيءَ ۾ ڏياري ملهائڻ دوران ڦٽاڪن مان باهه لڳڻ سبب 15 گهر سڙي ويا ۽ اُنهن ۾ موجود سمورو سامان رک ٿي ويو. ٻي خبر بدين ضلعي جي پنگريءَ شهر پرسان ڳوٺ ڪِرڙ پونئريو بابت آهي، جتي ڦٽاڪن جي ڇٽنگ مان پلال جي ڍير کي باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ هڪ ٻارڙو سڙي فوت ٿي ويو، جڏهن ته سڙي زخمي ٿيل ٻئي ٻارڙي جي حالت ڳڻتيءَ جوڳي ٻڌائي وڃي ٿي.

دُنيا ۾ وقت سان گڏوگڏ خوشيءَ جي اظهار جو انداز به بدلجي ويو آهي. اهڙا طريقا متروڪ ٿي چُڪا آهن، جن سان خوشي ماتم ۾ تبديل ٿيڻ جا امڪان هجن. پر اسان وٽ عقل ۽ ڏاهپ جي هوا به ناهي پهتي. هتي شادين جي موقعن تي خوشيءَ جي اظهار لاءِ هوائي فائرنگ ڪئي ويندي آهي، جنهن سان به ڪيترين ئي حياتيون ضايع ٿي ونديون آهن. اهڙي ئي نموني ڦٽاڪا پڻ آهن. جيڪڏهن احتياط کان ڪم نه ورتو وڃي ته گهڻو نقصان ٿئي ٿو. رڳو پاڙيسري ملڪ ڀارت جوئي مثال وٺجي، اُتي ڏياريءَ جي موقعي تي به ڪيترين ئي رياستن ۾ ڦٽاڪن تي پابندي آهي. ڦٽاڪا ٻارڻ تي ڏنڊ ۽ قيد جي سزا آهي. دُنيا جي مختلف ملڪن ۾ ڦٽاڪن جي تياري ۽ وڪري جي حوالي سان پڻ قاعدا ۽ قانون جوڙيل آهن. 12 سالن کان ننڍڙي عمر جي ٻارڙن کي ڦٽاڪا وڪڻڻ به ڏوهه قرار ڏنو ويو آهي. ٻيو ته ڦٽاڪا ٻارڻ بابت به قانون جوڙيل آهن. اُتي رش وارن هنڌن تي ڦٽاڪا ٻارڻ ممنوع قرار ڏنو ويو آهي. نه رڳو اهو پر اُنهن لاءِ وقت به مقرر آهي. اهڙو وقت، جيڪو ماڻهن جي آرام جو نه هجي. جنهن سان ماڻهن جي آرام ۾ خلل نه پوي. ان کانسواءِ تيز آواز وارا ڦٽاڪا به ممنوع آهن، جن سان ماڻهن جي سماعتن تي اثر پوي، چو ته آواز به توانائيءَ جو هڪ قسم آهي. ڪيترائي ڀيرا اهڙيون خبرون پڻ رپورٽ ٿيون آهن ته، ڦٽاڪن ٻارڻ وقت ٻارڙن جي ئي هٿن ۾ ئي اهي ڦاٽي پوندا آهن ۽ نقصان ٿيندو آهي. ڦٽاڪن جي گودامن ۽ دڪانن ۾ به باهه لڳڻ جي واقعن سبب پڻ وڏو جاني نقصان رپورٽ ٿيندو رهيو آهي. جو ته اهي دڪان ۽ گدام ڳتيل آباديءَ جي وچ ۾ هوندا آهن.

ڦٽاڪا جتي انساني حياتين کي هاڃي رسائڻ جو سبب بڻيل آهن، اُتي ماحولياتي (فضائي) گدلاڻ پڻ پيدا ڪن ٿا. ماحوليات تي ڪم ڪندڙ تنظيمون ڦٽاڪن ۽ آتشبازيءَ جي مخالفت ڪنديون رهيون آهن. جتي دنيا خوشي جي اظهار جا اهي هاڃيڪار طريقا ترڪ ڪري چُڪي آهي، جيڪي حياتين کي نقصان پهچائڻ جو سبب بڻجن، ماحوليات کي هاڃو رسائين. پر اسان قديم روايتن کي ترڪ ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيون. ڦٽاڪا ٻارڻ ايترا ئي ضروري آهن ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ اُنهن لاءِ اصول، قانون ۽ قاعدا جوڙيا وڃن. جو ته لاپرواهي وڏو نقصان ڪري سگهي ٿي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڦٽاڪن جي غير قانوني تياري ۽ وڪري تي پابندي وڌي وڃي. والدين تي به اها ذميواري عائد ٿئي ٿي ته، معصوم ٻارڙن کي ڦٽاڪن جي استعمال کان روڪين. خوشيءَ جي اظهار جا متبادل ۽ محفوظ طريقا استعمال ڪيا وڃن.

سياري جي آمد، دهشتگرد حملن ۾ تيزي ۽ پرامن چونڊون

ارباز احمد جنجهي

پاڪستان مان جيئن ئي افغاني پناهگيرن جي واپسيءَ جو سلسلو شروع ٿيو آهي، سيڪيورٽي فورسز تي حملن ۾ تيزي ڏٺي وئي آهي. جنهن مان محسوس اهو ٿي رهيو آهي ته افغانستان ۾ موجود طالبان حڪومت ڪنهن به دٻاءَ ۾ اچڻ بدران دٻاءَ ۾ رکڻ جي پاليسي اختيار ڪري ويٺي آهي. بلوچستان جي ضلعي گوادر جي علائقي پسني ۾ فوجي قافلي تي بلوچ عسڪريت پسندن جي حملي جي نتيجي ۾ 14 فوجي جوان شهيد ٿي ويا. ان ئي ڏينهن ڊيره اسماعيل خان ۾ بم ڌماڪن ۾ هڪ فوجي جوان سميت 6 ڄڻا شهيد ۽ 24 زخمي ٿي پيا. 4 نومبر تي پاڪ فضائيا جي ميانوالي ٽريننگ ايئربيس تي حملو ڪيو ويو. جنهن ۾ فوري ڪارروائي ۾ 9 دهشتگرد مارجي ويا. اهڙيءَ طرح 6 نومبر تي خيبر پختونخوا جي قبائلي ضلعي وادي تيراهه ۾ انٽيليجنس بنيادن تي ٿيل آپريشن ۾ هڪ اعليٰ فوجي آفيسر سميت 4 فوجي شهيد ٿيا.

پاڪستان جي افغان پاليسي کي هن وقت شديد تنقيد جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي. خاص طور تي پنجاب جو دانشور ۽ صحافتي حلقو ان تي کلي ڳالهائي رهيو آهي. رئوف ڪلاسرا پنهنجي ڪالم ۾ لکي ٿو ته ڇٽن ڏهاڪن کانپوءِ هاڻي اسان ان عمل کي "ريورس" ڪرڻ چاهيون ٿا. جو ته اهي نتيجا نه نڪري سگهيا، جن جي اسان کي توقع هئي. جن اسٽريٽجڪ نتيجن لاءِ اسان چاليهه سالن تائين اهو بار کنيو. جنهن اسان جون هاڻي دانهون ڪڍرائي ڇڏيون آهن. رياست جي سيڪيورٽي خطري ۾ پئجي وئي آهي. جڏهن ته ڪابل ۾ طالبان حڪومت کي ٺهندي اڃان صرف ٻه سال ٿيا آهن. نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ پنهنجي پريس ڪانفرنس ۾ چٽي چڪو آهي ته ڪابل ۾ طالبان حڪومت ٺهڻ کانپوءِ پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ جي واقعن ۾ 60 سيڪڙو ۽ خودڪش بم حملن ۾ ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ اضافو ٿيو آهي. هن واضح ڪيو ته افغانستان جي زمين پاڪستان جي خلاف استعمال ٿي رهي آهي ۽ تحريڪ طالبان پاڪستان کي سهائتا ملي رهي آهي. توڙي جو پاڪستان ڏکين حالتن ۾ افغانستان جو ساٿ ڏنو. 40 لک پناهگيرن کي پناهه ڏني. موجوده طالبان حڪومت کانپوءِ به لڏپلاڻ ڪري ايندڙ 8 لک افغاني شهرين کي عارضي شهريت جا ڪارڊ جاري ڪيا ويا. افغانستان قيادت جي ڌمڪين باوجود پناهگيرن جي واپسيءَ واري پاليسي واپس نه ٿيندي.

افغانستان لاءِ پاڪستان جي خاص نمائندي آصف درانيءَ جو چوڻ آهي ته وزيراعظم جيڪو ڪجهه چيو آهي، ان جي ذريعي طالبان قيادت کي اهو پيغام پهچائڻ چاهيون ٿا ته انهن کي پاڪستان يا تحريڪ طالبان مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻي پوندي. چو ته اهي ٻئي شيون گڏ نٿيون رهي سگهن. درانيءَ جي چوڻ موجب تحريڪ طالبان پاڪستان جا 6 هزار ويڙهاڪ افغانستان ۾ ڪٽنبن سميت رهن پيا. ايئرفورس جي اڳوڻي ڪمانڊر ۽ تجزيه نگار شهزاد چوڌري جو چوڻ آهي ته افغانستان کان تربيت يافته ماڻهو هتي حملن لاءِ موڪليا پيا وڃن. پاڪستان انهن جي اسٽريٽجڪ ڊيپٿ بڻجي ويو آهي. انهن جو چوڻ آهي ته اهو علائقو اسان جو آهي ۽ اسان ڊيورنڊ لائين کي نٿا مڃيون. ان صورتحال ۾ چا پاڪستان ايڪشن ڪري، جيئن آمريڪا افغانستان ۾ ڪيو يا ڊرون پاڪستان ۾ ڪندا رهيا پر ڪوشش اها آهي ته ڳالهه ٻولهه سان معاملا ٺيڪ ٿي وڃن. شهزاد چوڌري ان سان گڏ اهو پڻ چوي ٿو ته پاڪستان جي خلاف آمريڪي هٿيار استعمال ڪيا پيا وڃن. جيڪي افغانستان ۾ آمريڪا ڇڏي ويو هو. ڪجهه ماهرن جو اهو چوڻ آهي ته تاريخي طور تي سياري ايندي ئي پاڪستان ۾ عسڪريت پسندن جي حملن ۾ واڌ اچي ويندي آهي. چو ته دهشتگرد سردين جي ڪري پاڪستان ۽ افغانستان جي جابلو علائقن کان هيٺ لهي ايندا آهن ان حوالي سان ماهر آرمي پبلڪ اسڪول پشاور ۽ اڳوڻي وزيراعظم بينظير ڀٽو جي قتل جو حوالو ڏين ٿا. جيڪي سردين جي مند ۾ ٿيا. هڪ راءِ اها به آهي ته سياري جي مند شهري گوريلا جنگ لاءِ موضوع آهي. چو ته ان دوران عسڪريت پسند برفاني پهاڙن تان لهي شهري مرڪزن ۾ پنهنجي سليپر سيلون ۾ وقت گذاريندا آهن. انهن مان ڪجهه ته خاموش رهندا آهن ۽ ڪجهه وڏن حملن جي منصوبابندي شروع ڪري ڇڏيندا آهن ۽ جڏهن موقعو ڏسندا آهن ته ان تي عمل ڪندا آهن.

هاڻي جڏهن 8 فيبروريءَ تي چونڊن جو اعلان ٿي چڪو آهي، سياسي جماعتن سياسي مهم کي گيئر ۾ وجهي ڇڏيو آهي. انهن ڏينهن ۾ خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان ۾ امن امان هڪ وڏي مسئلي جي صورت ۾ موجود آهي، جتي تحريڪ طالبان پاڪستان ۽ اها ساڳي سوچ رکندڙ مذهبي انتهاپسند ۽ بلوچ عسڪريت پسند سرگرم آهن انهن ۾ ٽي ٽي پي چونڊن کي سبوتاز ڪرڻ جي ڪوشش به ڪري سگهي ٿي، چو ته اها چونڊن ۽ جمهوريت کي "غير اسلامي" قرار ڏئي ٿي. جڏهن ته بلوچ عسڪريت پسند عوام کي اليڪشن کان پري رهڻ جي هدايت ڪندا آيا آهن. جيڪڏهن اسان جائزو وٺون ته پاڪستان ۾ گذريل ٽن چونڊن ۾ دهشتگرد حملن جو هڪ سلسلو ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ 2007ع ۾ اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرپرسن بينظير ڀٽو شهيد ڪئي وئي. ان کان اڳ ڪراچيءَ ۾ ان جي جلوس تي حملو ڪيو ويو، جنهن ۾ سوين ماڻهو حياتين کان محروم ٿي ويا. بلوچستان ۾ 2008ع جي چونڊن ۾ عسڪريت پسند تنظيمن بائيڪاٽ ڪيو ۽ نتيجي ۾ ٽرن آئوٽ گهٽ رهيو. 2013ع جي عام چونڊن ۾ عوامي نيشنل پارٽي کي پي ڪي کان وٺي ڪراچي تائين نشانو بڻيل رهي ۽ ان جو سينيئر اڳواڻ بشير بلور مارجي ويو ان کان علاوه پاڪستان پيپلز پارٽي کي به اها شڪايت رهي ته انهن کي محدود ڪيو ويو آهي. ان کانپوءِ 2018ع جي عام چونڊن ۾ پڻ عوامي نيشنل پارٽي تحريڪ طالبان جي نشاني تي رهي ۽ بشير بلور جو پٽ هارون بلوچ مارجي ويو. بلوچستان ۾ بلوچستان عوامي پارٽي جو اڳواڻ نوابزاده سراج رئيساڻي هڪ خودڪش حملي ۾ مارجي ويو. ان کان علاوه پڻ اي اين پي، پيپلز پارٽي، جمعيت علماءِ اسلام سان تعلق رکندڙ سياستدانن کي ڌمڪيون پيش آيون.

افغانستان ۾ ڇڪتاڻ ۽ بندش پيل تحريڪ طالبان پاڪستان ۽ بلوچ عسڪريت پسندن جي حملن ۾ ايندڙ تيزي مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته چونڊن تي خوف ۽ خطري جا خدشا لامارا ڏيئي رهيا آهن. ماضيءَ ۾ 2013ع ۾ نيشنل ايڪشن پلان موجود هو. طالبان جي خلاف ڀرپور آپريشن جي ڪري اهي ڪمزور ٿي ويا هئا ۽ افغانستان جي حامد ڪرزئي حڪومت سان توڙي جو دوستاڻو تعلق نه هو ته به صورتحال ايتري ڇڪتاڻ واري نه هئي، جو انهن وٽ پراڪسي وار هجي. تحريڪ طالبان پاڪستان پيپلز پارٽي، مسلم ليگ (ن) کي ڌمڪيون ڏيئي چڪي آهي. جي يو آءِ جو اڳواڻ مولانا فضل الرحمان حملي مان ذري تان بچي ويو. اي اين پي اڃان تائين نشاني تان ناهي هٽي، جڏهن ته هاڻي ٽي ٽي پي کانسواءِ داعش ۽ ٻيا علائقائي گروپ به فعال ٿي چڪا آهن.

جيئن ته وزيراعظم ڪاڪڙ اهو چٽي چڪو آهي ته افغان پناهگيرن جي واپسي جو سلسلو بند نه ٿيندو پر ان ۾ ٿوري سست رفتاري ضرور نظر اچي رهي آهي ۽ خاص طور تي ڪراچي ۾ رضاڪاراڻي واپسي وارن کي ٽرانسپورٽ فراهم ناهي ڪئي وئي، جن کي بنا دستاويزن جي گرفتار ڪري موڪليو ويو آهي. انهن جو تعداد به 450 کان وڌيڪ ناهي هاڻي ان ۾ دانسته ڪوشش آهي يا غير دانسته. ان جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته اسلام آباد، لاهور، ڪوئيٽا ۽ پشاور سميت ڪٿي به نام نهاد سول سوسائٽي پناهگيرن لاءِ سرگرم ناهي پر ڪراچيءَ ۾ مظاهرا به ڪيا پيا وڃن. عدالت سان به رجوع ڪيو ويو آهي. بظاهر ته عورت مارچ وارن جو چوڻ آهي ته ان صورتحال سان افغان عورتون ۽ ٻارڙا متاثر ٿيندا. ان ڪري اهي انهن جي جبري تڙڻ جي خلاف آهن. ڪيترين ئي سياسي جماعتن خاموشي پڻ اختيار ڪري رکي آهي. جهڙوڪ: مسلم ليگ (ن)، تحريڪ انصاف، ايم ڪيو ايم ۽ بلوچ قومپرست جماعتون. ماضي ۾ پناهگيرن جي معاملي تي اختر مينگل هجي يا ٻيا. انهن جا جذباتي بيان پڙهڻ لاءِ ملندا هئا پر هن وقت بلڪل خاموشي آهي. حالانڪ انهن جماعتن جا خدشا رهيا آهن ته پناهگيرن جي ڪري بلوچستان جي ڊيموگرافي تبديل ٿي رهي آهي.

ڪُهي سو ڪَرَ لَهَي، ڪوٺي سو قَريبُ؛
اِها عادتَ سِڪيو، هَر زَمان حبيبُ؛
تِجي سو طبيبُ، سو ئي راحتَ رُوحَ جِي.

ٻارن جو عالمي ڏينهن

مجيد نواز مغل

ٻار ڪنهن به قوم ۽ ملڪ جو اثاثو ٿين ٿا. سٺي سکيا ۽ بهتر تعليم کين بهتر شهري بنائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيي ٿي. مهذب انسان جي بنياد ٻارڙا پي ٿين ٿا. دنيا اندر جنهن هنڌ ٻارن جي تربيت ۽ تعليم مٿان توجه نٿي ڏني وڃي اهي ملڪ ۽ قومون پوئتي پيل نظر اچن ٿيون. جيين اسان جو ملڪ ۽ اسان جي سنڌي قوم آهي. يعني سموري دنيا جو وايو منڊل ننڍن ٻارن جي جوڳي تربيت ۾ پيي آهي.

اسان وٽ ان جي ابتڙ ٿيي ٿو. هڪ اندازي موجب سنڌ اندر ٻارن جي ڪل آبادي کان 50 سيڪڙو کان مٿي ٻار تعليمي ادارن مان ٻاهر آهن يعني اسان جو ايندڙ نسل جهالت ۾ گذاري رهيو آهي. هت هر سال 30 هزار ٻار خوراڪ جي کوٽ ۽ صحت جون اڻ پوريون سهولتون هجڻ ڪري موت جو شڪار ٿي وڃن ٿا. هر سال 2 هزار ٻارن سان جنسي بدفعلي جا واقعا ٿين پيا. 500 جي ويجهو ٻارن کي مختلف سببن ڪري قتل ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ته 8 لک کان وڌيڪ ٻارڙا جبري پورهيو ڪن ٿا جن مان 33 سيڪڙو ٻار مختلف گهرن حويلين ۽ اوطاقن تي خدمت چاڪري لاءِ ملازم رکيل آهن. جن ۾ معصوم نينگرين جو وڏو انگ پڻ شامل آهي. جن سان وڏيرا پير مير سردار اعلي عملدار ۽ جاگيردار جنسي زيادتيون ڪندا رهن ٿا ۽ انهن کي راز فاش ٿيڻ جي ڊپ کان ۽ پنهنجي انا خاطر قتل ڪري ڇڏين ٿا. هڪ اندازي مطابق عرب پنهنجي عياشين لاءِ خطرناڪ راند اٺ ڊوڙ ۾ معصوم ٻارن کي شامل ڪن ٿا. جنهن جي ڪري هر سال 12 کان 20 ٻار انهيءَ راند ۾ اجل جو شڪار ٿي وڃن ٿا. ٻارن جي وڏي انگ ۾ تعليم نه پرائڻ جو بنيادي سبب غربت آهي. 70 لک جي ويجهو ٻار غربت سبب 2 ٽايم کاڌو پي نٿا حاصل ڪري سگهن انڪري ايتروپي انگ تعليم نٿا پرايين سگهن. اڳوڻي سنڌ جي سياسي سرڪار هلندڙ سال 50 لک ٻارن جي درسي ڪتابن لاءِ هڪ ارب 70 ڪروڙ روپيا ۽ جڏهن ته ميلن ۽ ٻيي انٽرمينٽ جي پروگرامن لاءِ هڪ ارب روپيا رکيا. حڪمران طبقي جو اهو تعليم سان سنجيدگيءَ جو مظاهرو آهي؟

ٻيي طرف اسريل يا اسرندڙ ملڪن ۾ ٻارن جي تعليم تي خصوصي توجه ڏني وڃي ٿي. اسريل ملڪن ۾ ته ٻارن جي زندگي گذارڻ جي بنيادي اخلاقي تعليم اسڪول ۾ داخلا وٺڻ شرط پيي ڏني وڃي ٿي. خاص ڪري ڳالهائڻ کائڻ پيئڻ اٿڻ ويهڻ سميت مختلف قسم جي سکيا ڏني وڃي ٿي ان کان سواءِ ننڍن ٻارن جي جسماني ۽ ذهني تربيت جا ڪورس ۽ رانديون ڪرايون وڃن ٿيون پر ان جي ابتڙ اسان وٽ جيڪو نصاب ٻارن جي مٿي ۾ هينو وڃي ٿو اهو بنيادي گهرجن تي پورو نٿو لهي. ٻين ملڪن خاص ڪري اسريل ملڪن ۾ ٻارن جي ذهني سطح موجب نصاب ترتيب ڏنو وڃي ٿو پر اسان وٽ ٻارن جي ذهني گهرجن بجاءِ سنڌڻ پار ٺاهيل نصاب ترتيب ڏنل آهي جنهن کي جبر سمجهي ٻار تعليم حاصل ڪري ٿو ٻاهر ٻارن کي رانديون ڪندي انيڪ قسم جا سبق ڏنا وڃن ٿا جيڪي هو خوشي خوشي حاصل ڪري ٿو.

اڄ ٻارن جو عالمي ڏينهن آهي پر سموري دنيا ۽ خاص طور تي اسان جي ملڪ ۾ ٻارن جي حالت رحم جوڳي آهي. ان ۾ ڪيترن ٻي ملڪن اندر خوراڪ جي کوٽ سبب معصوم ٻارن جو جهجهو انگ موت جي ور چڙهي وڃي ٿو. گڏيل قومن جي قايم ڪيل اداري يونيسيف يونيسڪو جي چارٽر ۾ ٻارن جي حقن جي ضمانت ڏنل آهي. جنهن ۾ بنيادي سهولتن تعليم ۽ صحت مفت ڏيڻ متعلق لکيل آهي ۽ انهيءَ چارٽر تي پاڪستان پڻ صحي ڪيي آهي پر عمل ان جي ابتڙ آهي. جيستائين انهيءَ بنيادي انساني حقن جي چارٽر تي عمل نه ٿيندو عام ماڻهو ۽ خاص طور تي ٻارن جي حالت نٿي سڌري سگهي ۽ ان لاءِ پوري دنيا جي ملڪن جي حڪمرانن طرفان نيڪ نيتيءَ سان عمل ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي.

بقايا ❊❊❊ 01

ٿر ۾ ڪم ڪري غلط الزامن ۽ پروپيگنڊا کي ناڪام ڪري ڇڏيو ۽ غربت بيروزگاري جا مسئلا آهن. ان کان انڪار نٿو ڪري سگهجي قائد عوام ۽ بينظير ڀٽو جا وفادار اڄ مون سان گڏ نڀائي رهيا آهن اسان شهيد بي بي جا واعدا نڀائي رهيا آهيون. اسان جي ڪوشش آهي ته اڻ پوري مشن کي مڪمل ڪريون ٿر ۾ عورتن ۽ ٻارن جي موت جي شرح ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي ٿي آهي، ٿرپارڪر ۾ اڳ ڊاڪٽر نه هوندا هئا. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اسان جو پلان آهي ته ٿرپارڪر کان ڪراچي تائين ريلوي لائن ناهڻي آهي، ريلوي لائن جو فائدو ٿر جي ڪوئلي کي مارڪيٽ تائين پهچائڻ آهي. آر او پلانٽ صوبي ۽ وفاق جي اخلاف جي ڪري سست رفتار جو شڪار ٿيو سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ جيڪو گهرن جو منصوبو شروع ٿيو اهو سست رفتار جو شڪار ٿيو وفاقي حڪومت سان جهيڙو رهيو آهي ته هتان جي رائلٽي هتان جي عوام تي خرچ ٿيڻ گهرجي. رائلٽي جو ڪم اسان جي حڪومت ختم ٿيڻ جي ڪري نه ٿي سگهيو. پيپلزپارٽي جي چيئرمين چيو ته ماڻهو ٻارڙن جي ضرورت پوري نه پيو ڪري سگهي. هي پاڪستان جي سياستدانن ۽ حڪمرانن لاءِ شرمساري واري ڳالهه آهي. اسلام آباد ۽ عوام وچ ۾ هڪ وڏي وٿي آهي. اسلام آباد ۾ ويهندڙن کي زميني حقيقتن بابت گهٽ ڄاڻ آهي. اسان ساڄي کابي پاسي نٿا ڏسون. اسا عوام لاءِ ڏسون ٿا. ملڪ ۾ سياسي ۽ معاشي بحران هيون. پرڏيهي سطح تي پاڪستان کي اڪيل ڪيو ويو هو وقت مطابق پي ڊي ايم سان حڪومت ناهڻ ٺيڪ فيصلو هو اسان هاڻي اليڪشن ڏانهن وڃي رهيا آهيون. خواهش هوندي به پيپلزپارٽي جي حڪومت نهي، ليول پلينگ فيلڊ پيپلزپارٽي کي ڪڏهن به ناهي ملي. بلاول ڀٽو چيو ته وفاق ۽ صوبي ۾ حڪومت هجي، ادارا گڏ هجن ۽ اوهان ضمني اليڪشن کان پڇي وڃو چا اوهان اڳ هي سياست ڏٺي آهي. مان ناهي ڏٺي مقامي اليڪشن کان پڇي ويا. پتو ناهي ڪهڙو ڊپ هيو مسلم ليگ ن کي ڀيريان بلوچستان تي فوڪس ڪرڻ گهرجي ها. اسان کي پي ڊي ايم مان ڪڍيو ويو اسان تي تنقيد ڪئي وئي ته باپ کان ووٽ ڪيئن ورتا. جيڪڏهن ڪالهه باپ پارٽي خراب هئي ته اڄ به خراب هوندي اهڙو ئي نتيجو ميان صاحب جي دور ۾ نڪرندو. اڳوڻي وفاقي وزير چيو ته مقبول باقر جهڙو نگران وڏو وزير ڪٿي ٻي هنڌ نه ملندو. ان جي ڪردار تي ڪو سوال نٿو اٿاري سگهي. جج جي حيثيت سان جسٽس مقبول باقر ثابت ڪري ڇڏيو ته هو انصاف ڪرڻ جهڙو ماڻهو آهي. ان تي ڀروسو ڪري سگهجي ٿو ته هو هر ڪنهن سان انصاف ڪندو. پيپلزپارٽي سان ناانصافي نه ٿيندي. بلاول ڀٽو چيو ته افسوس جي ڳالهه آهي ته سنڌ ۾ ٽرانسفر پوسٽنگ پئسن تي ڪئي پئي وڃي. مون کي خبر آهي ته سنڌ حڪومت اديب رضوي سان ڪم ڪري رهي آهي ته نيڪ ٿيندو. جيڪڏهن غريب عوام جو نقصان ٿيندو ته مان معاف نه ڪندس مان پنهنجي 15 مهينن جي ڪارڪردگي کان پوءِ اليڪشن وڙهڻ لاءِ تيار آهيان. شهبازشريف ۽ ٻيا اڳواڻ به تيار آهن يا پنهنجو منهن به لڪائي رهيا آهن.

بقايا ❊❊❊ 02

. اجلاس ۾ نگران صوبائي وزير هدايتون ڏنيون ته روينيو آفيسن جي وقار کي خدمتن ۾ بهتري ۽ شفافيت جي بنياد تي لاڳو ڪيو وڃي. هن هدايت ڪئي ته روينيو رڪارڊ جي ڊجيٽلائيزيشن جي عمل ۾ زمينن جي داخلا جي ڊيٽا جي تصديق تي خاص ڌيان ڏنو وڃي. نگران صوبائي وزير هدايت ڪئي ته غيرقانوني حدخلين جي خاتمي لاءِ پوليس ۽ رينجرز جي سهڪار سان ڪم مڪمل ڪيو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به مسئلي جي صورت ۾ حڪومت کي آگاهه ڪيو وڃي. اجلاس ۾ ڪراچي جي سمورن ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن ۽ اسسٽنٽ ڪمشنرن شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي لاڳاپيل ضلعن ۾ روينيو رڪارڊ جي ڊجيٽلائيزيشن ۾ هن وقت تائين ڪيل ڪم بابت بريفنگ ڏني.

بقايا ❊❊❊ 03

طرفان اٽارني جنرل دليل ڏنا. ٻڌڻي دوران جسٽس ميان گل حسن پڇائو ڪيو ته اسان ڄاڻڻ چاهيون ٿا ته اهڙيون ڪهڙيون غيرمعمولي حالتون هيون جو هي ٽرائل اهڙي نموني هلايو پيو وڃي؟ اوهان کي ٻڌائڻو آهي ته حقيقت ٿيو ڇا آهي؟ اٽارني جنرل چيو ته هو تمام لاڳاپيل ادارن کان رڪارڊ وٺي عدالت آڏو رکندو. ان تي جسٽس ميان گل حسن چيو ته سراسري طور تي نوٽيفڪيشنز هاءِ ڪورٽ جي رولز مطابق نه آهن. عدالت اٽارني جنرل کان سوال ڪيو ته ڪڏهن ڪهڙين حالتن ۾ ڪهڙي بنياد تي اهو فيصلو ٿيو ته جيل ٽرائل ٿيندو؟ ڪيئي سوال آهن جن جا جواب ڏيڻ جي ضرورت آهي. عدالت وڌيڪ چيو ته وفاقي ڪابينا ٻه ڏينهن ڀيريان جيل ٽرائل جي منظور ڏني، ڪهڙا سبب هئا جو وفاقي ڪابينا جيل ٽرائل جي منظور ڏني؟ عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ ايندڙ ٻڌڻي تي لاڳاپيل رڪارڊ طلب ڪري ورتو ۽ 16 نومبر تائين ڪيس جي جيل ۾ ٻڌڻي روڪي ڇڏي.

بقايا ❊❊❊ 04

ٻيا به موجود. ملاقات ۾ نون ليگ جو صدر شهباز شريف، چيف آرگنائيزر مريم نواز پرويز رشيد ۽ ٻيا اڳواڻ به موجود. نون ليگ جي ترجمان مريم اورنگزيب چيو آهي ته نوازشريف جي دوري دوران بلوچستان جون اهم سياسي شخصيتون نون ليگ ۾ شموليت جو اعلان ڪنديون ذريعن موجب نواب چنگيز مري، سردار عبدالرحمان کيتران، محمد خان طور ۽ محمد خان لهڙي نون ليگ ۾ شموليت جو باضابطا اعلان ڪندا عبدالڪريم نوشيرواني، نور محمد دمڙ، عبدالغفور لهڙي، سردار مسعود لوڻي، ڊاڪٽر رباب بليدي، مجيب الرحمان، سردار سحر گل خلجي ۽ ٻيا اڳواڻ به نون ليگ ۾ شموليت جو اعلان ڪندا

بقايا ❊❊❊ 05

محبت جو اظهار ڪندي عظيم الشان جلسو منعقد ڪرڻ تي جيالن کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. آصف علي زرداري چيو ته بلاول ڀٽو جو شاندار استقبال ڪري ٿر جي عوام پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي. ٿر جي عوام پنهنجي ڀيڻ کي ناهي وساريو ڪجهه ماڻهو اقتدار جي لاءِ اتحاد ٺاهيندا آهن. پر اسان جي لاءِ عوام ئي ڪافي آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي جي خلاف ماضي ۾ به اتحاد ٺهندا رهيا آهن پر ان جي اسان کي ڪا به پرواهه نه آهي. پيپلز پارٽي عام چونڊن ۾ ڪراچي

کان خيبرپختونخواهه تائين ڪاميابي حاصل ڪندي.

بقايا ❊❊❊ 06

ڪري ڇڏيو ذريعن موجب، نيب کي گرفتاري جي 24 ڪلاڪن اندر جوابدار کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ ضروري هوندو آهي. ذريعن موجب، اڊيالا جيل ۾ جسماني ريمانڊ حاصل ڪرڻ لاءِ قانون واري وزارت جو نوٽيفڪيشن ضروري آهي، ڪوشش آهي ته ڪجهه دير ۾ جيل اندر ٻڌڻي جو نوٽيفڪيشن جاري ٿي ويندو. نوٽيفڪيشن جاري ٿيڻ جي صورت ۾ احتساب عدالت جو جج محمد بشير اڊيالا جيل ۾ ٻڌڻي ڪندو.

بقايا ❊❊❊ 07

چيو ته زباني معاهدي جي ڪا به قانوني حيثيت ناهي. پنجاب ۾ زمين جي معاهدن کي تمام گهڻو اينگهايو وڃي ٿو زباني معاهدن جو دروازو اسان کي هاڻي بند ڪرڻو پوندو. ماڻهن به ايراضي تي معاهدا ڪرڻ ڇڏي ڏنا آهن. ماڻهو سمجهي چڪا آهن ته وڪيل اهڙا ڪيس 20 سالن تائين اينگهائي ڇڏين ٿا. چيف جسٽس چيو ته درخواستگذار معاهدو به زباني ڪري ٿو ۽ رليف به عدالت کان گهري ٿو. چيف جسٽس پڇائو ڪندي چيو ته ڇا زباني معاهدو ڪري قرآن پاڪ جي آيت جي ڀڃڪڙي ناهي ٿي، قرآن پاڪ جي تعليم مطابق به معاهدو زباني نه پر لکت ۾ ٿيندو آهي. عدالت چيو ته درخواستگذار مقرر ڪيل مدي ۾ طئي ٿيل رقم جمع ڪرائڻ ۾ ناڪام رهيو درخواستگذار محمد رفيق 4 ايڪڙ زمين خريد ڪرڻ لاءِ 152 ملين روپين جو معاهدو ڪيو هو ۽ 2 مهينن ۾ درخواستگذار رڳو 15 ملين رقم ادا ڪري سگهيو

بقايا ❊❊❊ 08

جو چيئرمين صادق سنجراڻي، خالد مگسي، عبدالمالڪ بلوچ، جان محمد جمالي، صالح ڀوتاڻي، منظور ڪاڪڙ نواب اياز جوگيزئي ۽ ٻيا به موجود. ملاقات ۾ نون ليگ جو صدر شهباز شريف، چيف آرگنائيزر مريم نواز، پرويز رشيد ۽ ٻيا اڳواڻ به موجود نون ليگ جي ترجمان مريم اورنگزيب چيو آهي ته نوازشريف جي دوري دوران بلوچستان جون اهم سياسي شخصيتون نون ليگ ۾ شموليت جو اعلان ڪنديون ذريعن موجب نواب چنگيز مري، سردار عبدالرحمان کيتران، محمد خان طور ۽ محمد خان لهڙي نون ليگ ۾ شموليت جو باضابطا اعلان ڪندا عبدالڪريم نوشيرواني، نور محمد دمڙ، عبدالغفور لهڙي، سردار مسعود لوڻي، ڊاڪٽر رباب بليدي، مجيب الرحمان، سردار سحر گل خلجي ۽ ٻيا اڳواڻ به نون ليگ ۾ شموليت جو اعلان ڪندا

بقايا ❊❊❊ 09

فيض حميد تي لڳايل الزام سنگين نوعيت جا آهن، درخواستگذار موجب سندس گهر ڀاتين کي غير قانوني طور تحويل ۾ رکيو ويو، درخواستگذار موجب فيض حميد جي چوڻ تي ڪانئس قيمتي سامان ڦريو ويو فيض حميد ان تي ۽ گهرڀاتين تي ڪوڙا ڪيس ٺاهيا. سپريم ڪورٽ لکت فيصلي ۾ چيو آهي ته عدالت سوال ڪيو اهو ڪيس عام مفاد جو ڪيئن ٿو ٿئي؟ درخواستگذار جي وڪيل چيو سپريم ڪورٽ کانسواءِ ڪارروائي لاءِ ڪو لاڳاپيل فورم نٿو ٺهي، ايڊيشنل اٽارني جنرل موجب درخواستگذار فيض حميد خلاف بچاءَ واري وزارت سان رابطو ڪري سگهي ٿو. درخواستگذار جي الزامن تي قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. سپريم ڪورٽ آرٽيڪل 3/184 جي معيار تي پورو نه لهڻ تي درخواست اڪلائي ڇڏي.

بقايا ❊❊❊ 10

روڪڻ تي ڳالهه ٻولهه ٿي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ملاقات ۾ نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جسٽس (ر) ارشد حسين کي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني. نگران وزيراعظم نگران وڏي وزير جسٽس (ر) ارشد حسين جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته هو صوبي ۾ آزاداڻي ۽ شفاف چونڊون منعقد ڪرڻ ۾ اليڪشن ڪميشن جي مدد ۾ پنهنجو آئيني ڪردار ڀرپور طريقي سان ادا ڪندو.

بقايا ❊❊❊ 11

سگهه ڏيڻ تي اتفاق ڪيو. ملاقات دوران علائقائي ۽ عالمي اڳڀرائي تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا ❊❊❊ 12

شعبن جو دورو ڪيو ۽ طبي امداد جي فراهمي جو جائزو ورتو ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف بابت ڄاڻ ۽ دوائن جي دستيابي جو جائزو ورتو ويو. هن صفائي جي ناقص انتظامن، الٽراسائونڊ ۽ ٻين شعبن ۾ ڊاڪٽرن جي کوٽ، معذور مريضن لاءِ لفٽن جي ڪم نه ڪرڻ ۽ صفائي عملي جي غير حاضري تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو هن ڊاڪٽرن ۽ عملي کي هدايت ڪئي ته هو بيمار مريضن کي ترجيحي بنيادن تي علاج جون سهولتون فراهم ڪن ۽ اسپتال جي عملي کي خاص هدايتون جاري ڪيون ته مريضن سان مناسب سلوڪ ڪيو وڃي، بعد ۾ جسٽس رٽائرڊ ارشد نور خان کي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر اياز قريشي پاران اسپتال جي مجموعي معاملن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي، جنهن ۾ اسپتال جي ملازمن لاءِ ٺاهيل رهائشي فليٽس تي غير واسطيدار ماڻهن پاران قبضن بابت به شڪايت ڪئي وئي.

بقايا ❊❊❊ 13

فيض حميد تي لڳايل الزام سنگين نوعيت جا آهن، درخواستگذار موجب سندس گهر ڀاتين کي غير قانوني طور تحويل ۾ رکيو ويو، درخواستگذار موجب فيض حميد جي چوڻ تي ڪانئس قيمتي سامان ڦريو ويو فيض حميد ان تي ۽ گهرڀاتين تي ڪوڙا ڪيس ٺاهيا. سپريم ڪورٽ لکت فيصلي ۾ چيو آهي ته عدالت سوال ڪيو اهو ڪيس عام مفاد جو ڪيئن ٿو ٿئي؟ درخواستگذار جي وڪيل چيو سپريم ڪورٽ کانسواءِ ڪارروائي لاءِ ڪو لاڳاپيل فورم نٿو ٺهي، ايڊيشنل اٽارني جنرل موجب درخواستگذار فيض حميد خلاف بچاءَ واري وزارت سان رابطو ڪري سگهي ٿو. درخواستگذار جي الزامن تي قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. سپريم ڪورٽ آرٽيڪل 3/184 جي معيار تي پورو نه لهڻ تي درخواست اڪلائي ڇڏي.

بقايا ❊❊❊ 14

داٿو ۽ ٻيو سامان هٿ ڪري ورتو ايس ايس پي ڪياماڙي عارف اسلم راٺو ٻڌايو ته هٿ آيل پلاسٽڪ ڪين، بوتلون ۽ ڪارٽن ۾ جعلي انجڻ آئل پيڪ ڪري شهر ۾ جعلي آئل جي ڊيلرن کي سپلاءِ ڪيو وڃي ٿو ڇاپي دوران جعلي انجڻ آئل ٺاهيندڙ گودام مان بوتلون ۽ ڪين ٺاهڻ ۾ استعمال ٿيندڙ پلاسٽڪ داڻي جا 20 ٻورا هٿ ٿيا آهن. جن جو وزن 500 ڪلو آهي. هن ٻڌايو ته ڇاپل گودام نديم ابا ۽ نويد ابا نالي جعلي آئل ڊيلرز جو آهي ۽ چند هفتا اڳ بلديا پوليس انهن ٻنهي جعلي انجڻ آئل ٺاهيندڙ فيڪٽري ۽ گودام تي ڇاپو هڻي وڏي انگ ۾ جعلي انجڻ آئل سميت مشينري، پيڪنگ ميٽريل، اسٽيڪرز ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو هو بلديا پوليس پيڪنگ گودام تي ڇاپي ۽ سامان هٿ اچڻ جي حوالي سان ڪيس داخل ڪري ورتو جڏهن ته ان حوالي سان ڪائي گرفتاري ناهي ٿي سگهي.

بقايا ❊❊❊ 15

۽ امن امان جي صورتحال خراب ڪرڻ جي تحت ڪيس داخل ٿيل آهن.

بقايا ❊❊❊ 16

جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي. پنجاب جي ضلعي سرگوڌا ۾ قاتل وڏي دليري سان سوشل ميڊيا تي قتل ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ ان تي عمل به ڪيو جوابدار سوشل ميڊيا تي قتل جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ پوليس غفلت جي ننڊ ستل رهي، افسوسناڪ واقعو ڇنڇر ڏينهن ڪوٽ مومن ۾ پيش آيو. جوابدار احمد شير خانداني تڪرار تي پنهنجي ماسي، ماسات، ان جي زال ۽ هڪ ٻئي شخص کي قتل ڪيو. پوليس واقعي کانپوءِ جوابدار کي گرفتار نه ڪري سگهي ۽ هن اڄ وري پنهنجي سئوٽ کي فائرنگ ڪري ماري ڇڏيو. 5 ڄڻن جي قتل سان علائقي ۾ خوف هراس ڇانئجي ويو. پوليس اختياريون به جاڳي پيون ۽ واقعي جو نوٽيس ورتو جڏهن ته جوابدار جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن ڪيو پيو وڃي.

بقايا ❊❊❊ 17

عرف فرح گوگي ن ليگ اڳواڻ عطا تارڙ کي 5 ارب روپين جو قانوني نوٽيس موڪليو جڏهن ته نيب چيئرمين ۽ ڊي جي ايف آءِ اي کي به نوٽيس موڪليا ويا آهن. نوٽيس ۾ چيو ويو آهي ته عطا تارڙ ڪوڙا الزام هنيا ۽ غلط ڄاڻ جاري ڪئي، سمورا اثاثا ڊڪليئر آهن. تنهن ڪري عطا تارڙ الزام واپس وٺي ۽ 7

ڏينهن ۾ معافي نه گهري ته ساک کي نقصان پهچائڻ جي دعويٰ داخل ڪئي ويندي.

بقايا ❊❊❊ 18

ڪئي. اجلاس ۾ تعليمي سال جي شروعات، امتحانن جي شيڊيول، موڪلن ۽ ٻين اهم معاملن تي غور ويچار ڪيو ويو ذيلي ڪميٽي پنهنجون تجويزون پيش ڪيون. اجلاس ۾ اتفاق ڪيو ويو ته سڄي سنڌ جي اسڪولن ۾ نئون تعليمي سال 15 اپريل ۽ ڪاليجن ۾ نئون تعليمي سال پهرين آگسٽ کان شروع ٿيندو جڏهن ته سياري ۽ گرمي جي موڪلن جو پراڻو شيڊيول برقرار رهندو. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته ميٽرڪ جا امتحان مئي جي پهرين هفتي ۽ انٽر جا امتحان مئي جي آخري هفتي کان شروع ٿيندا. جڏهن ته ميٽرڪ جا نتيجا 31 جولاءِ ۽ انٽر جا نتيجا آگسٽ جي ٻئي هفتي تائين جاري ڪيا ويندا.

بقايا ❊❊❊ 19

واري عدالت ۾ پورٽس جي سافٽ ويئر جي تياري ۾ ڪرپشن بابت داخل ريفرنس تي ٻڌڻي ٿي. نيب موجب عبدالحفيظ شيخ تي 11 ملين ڊالر کان وڌيڪ ڪرپشن جو الزام آهي. عدالت ٻڌڻي 9 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ❊❊❊ 20

آفريدي جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ سينيٽر سعديه عباسي چيو ته گذريل ڏينهن سينيٽ آرمي ايڪٽ ۾ ترميم بابت سپريم ڪورٽ فيصلي جي خلاف قرارداد منظور ڪئي. جڏهن رڳو 12 ميمبر ايوان ۾ موجود هئا. ايجنڊي ۾ جيڪا شئي شامل نه هئي ان کي پيش ڪيو ويو هي قرارداد جمهوريت جي نفي آهي ۽ جمهوريت تي راتاهو هنيو ويو آهي هن چيو ته ايوان قائدن ۽ ضابطن کان هٽي جيڪو ڪم ڪيو اسان ان جي سپورٽ نٿا ڪريون. اسان ڪنهن به صورت ملٽري ڪورٽس جي اجازت نٿا ڏئي سگهون، نه ان جي حمايت ڪريون ٿا. سينيٽر سعديه عباسي چيو ته سپريم ڪورٽ ۾ جيڪو فيصلو ڪيو ويو اهو ڪنهن جج پنهنجي ذات لاءِ ناهي ڪيو پر پاڪستان جي عوام جي فائدي ۾ ڪيو هي پيرو پيرو آهي جڏهن سپريم ڪورٽ ملٽري ڪورٽس کي رد ڪيو هن چيو ته سياڻي ايوان ۾ مارشل لاءِ لڳائڻ جو ٺهراءُ اچي وڃي ته ڇا ملڪ ۾ مارشل لاءِ لڳايو ويندو. سينيٽر سعديه عباسي چيو ته چيئرمين صاحب ايوان کي ائين استعمال ڪرڻ افسوسناڪ آهي. ۽ ايوان کي ايئن استعمال ڪرڻ جي جيتري مذمت ڪئي وڃي گهٽ آهي، هن چيو ته هي طريقو پارلياماني روايت جي نفي ڪري ٿو موجوده حالتن ۾ اهڙي ٺهراءَ جي منظوري سان جمهوريت مضبوط نه پئي ٿئي. هي ٺهراءُ واپس وٺو ان موقعي تي سينيٽر رضا رباني، طاهر بزنجو تاج حيدر، مشتاق احمد خان به ان ٺهراءَ جي خلاف سيٽن تي اٿي بيهي احتجاج ڪيو سينيٽر رضا رباني ۽ سينيٽر مشتاق احمد ٻنهي چيو ته ان معاملي تي ڳالهائڻ چاهيون ٿا، جنهن تي ڊپٽي چيئرمين مرزا آفريدي جواب ڏنو ته سينيٽ ايجنڊا مڪمل ڪري مان اوهان کي ڳالهائڻ جي اجازت ڏيان ٿو انهي دوران جڏهن سينيٽ ۾ ڪورم جي نشاندهي لاءِ گهنٽيون وڄايون ويون ته ڪورم پورو نه نڪتو جنهن سبب اجلاس جمعي ڏينهن ساڍي 10 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو

بقايا ❊❊❊ 21

محمود قريشي جي خلاف سائفر ڪيس جيل ۾ ٻڌڻي روڪڻ جو حڪم ڏيندي سمورو رڪارڊ 2 ڏينهن ۾ طلب ڪري ورتو. جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب ۽ جسٽس ثمن رفعت امتياز تي ٻڌل بينچ پي ٽي آءِ چيئرمين جي انٽرا ڪورٽ اپيل تي ٻڌڻي ڪئي. اٽارني جنرل منصور اعوان عدالت کي ٻڌايو ته وفاقي ڪابينه سائفر ڪيس جي جيل ٽرائل جي منظوري ڏني. عدالت چيو ته اهو نوٽيفڪيشن اسان ڏسنداسين ته ان ۾ ڇا لکيل آهي؟ جيل ٽرائل ٿيندو ته اهو غير معمولي ٽرائل هوندو. اٽارني جنرل چيو ته اهو غير معمولي ٽرائل نه صرف جيل ٽرائيل آهي. جسٽس ميان گل حسن چيو ته اسان ڄاڻڻ چاهيون ٿا ته اهڙيون ڪهڙيون حالتون هيون آهن جو اهو ٽرائيل هن وقت هلايو پيو وڃي. جڏهن ته جيل ٽرائيل جا 3 نوٽيفڪيشن هاءِ ڪورٽ جي لاڳاپيل رولز جي موجب نه آهن. اٽارني جنرل چيو ته مان سمورن لاڳاپيل ادارن کان رڪارڊ وٺي عدالت جي سامهون رکندس. پي ٽي آءِ چيئرمين جي

وڪيل سلمان اڪرم راجا چيو ته پنج گواهه هن وقت به جيل ۾ بيان رڪارڊ ڪرائڻ جي لاءِ موجود آهن.

بقايا ❊❊❊ 22

ڊالر اڄ صبح اوچتو هيٺ آيو پر وري سنڀلجي ويو. انٽربئنڪ ۾ ڪاروبار دوران ڊالر ڪجهه پئسا سستو ٿيڻ کانپوءِ وري مهانگو ٿي ويو. انٽربئنڪ ۾ ڪاروبار جي پڄاڻي تي ڊالر 32 پئسا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ 287 روپين 87 پئسن جو ٿي ويو گذريل ڏينهن انٽربئنڪ ۾ ڊالر 287 روپين 55 پئسن تي بند ٿيو هو

بقايا ❊❊❊ 23

گم ڪيل ماڻهن جي ڪيسن لاءِ اهم قدم کڻندي گهرو وزير جي سربراهي ۾ ڪاميٽي قائم ڪري ڇڏي. وفاقي ڪابينا نگران گهرو وزير سرفراز بگٽي جي سربراهي ۾ ٽه رڪني وزيرن جي ڪاميٽي جي منظوري ڏئي ڇڏي. جنهن جو قانون ۽ انصاف واري وزارت نوٽيفڪيشن به جاري ڪري ڇڏيو آهي. قانون واري وزارت عملدارن نوٽيفڪيشن اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ڪيو. نوٽيفڪيشن مطابق گهرو وزير چيئرمين، قانون وارو وزير ۽ بچاءَ وارو وزير ڪاميٽي جا ميمبر هوندا. ڪاميٽي ڪنهي گم ڪيل ماڻهن جي ڪيسن جو جائزو وٺندي. نوٽيفڪيشن ۾ ٻڌايو ويو ته ڪاميٽي انساني حقن جي تنظيمن کان مدد وٺي سگهي ٿي. واضح رهي ته ٽه رڪني ڪاميٽي جي منظوري وفاقي ڪابينا 7 نومبر تي ڏني وئي.

بقايا ❊❊❊ 24

موجود ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته بجلي جي جنريٽرز لاءِ ٻارڻ نه هئڻ سبب هو مريضن جو علاج ڪرڻ کان لاچار آهي.

بقايا ❊❊❊ 25

ٿيندي. صدر جو بائيڊن وڌيڪ چيو ته قطر جي مدد سان قيدين جي آزادي واري معاهدي تي ڳالهيون جاري آهن. فلسطيني اختيارين موجب الشفا اسپتال جي محاصري ۽ تيل جي کوٽ سبب 3 ڏينهن ۾ 33 مريض فوت ٿي ويا آهن ٻئي طرف اسرائيلي بچاءَ واري وزير دعويٰ ڪئي آهي ته حماس غزه جي پٽي تي ڪنٽرول وڃائي چڪي آهي ۽ هاڻي ڏکڻ طرف وڃي رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته شهرين کي حماس جا ڌاڪا لٽي رهيا آهن. شهرين جو هاڻي حڪومت تي اعتبار ناهي رهيو غزه ۾ اسرائيلي فوج جي شهرين تي حملن جو سلسلو جاري آهي. اسرائيلي فوج جو چوڻ آهي ته کيس اهڙا اشارا مليا آهن ته غزه ۾ ٻارن جي اسپتال ۾ يرغمال بڻيل يرغمال بڻيل آهن

بقايا ❊❊❊ 26

چيو ته ڪراچي ۾ سمگلڊ آٽو پارٽس جي کيپ پڪڙي آهي، ضبط پارٽس جي ماليت ڏيڍ ارب رپيا آهي. هن ٻڌايو ته ڇاپو سائيٽ جي علائقي ۾ هنيو ويو 3 مهينن ۾ ڪسٽمز ڪراچي 4 ارب رپين جون سمگل ٿيل شيون ضبط ڪيون آهن. آٽو پارٽس سمگلنگ جي ڪيس ۾ مني لانڊرنگ جو شڪ آهي.

بقايا ❊❊❊ 27

عملدارن کي گرفتار ڪري انهن کي نوڪرين مان خارج ڪيو وڃي. رشوت ڏئي جعلسازي سان شناختي ڪارڊ ۽ ٻيا ڪاغذ ٺهرائيندڙ اليگل اميگرينٽس کي پڪڙي واپس پنهنجي ملڪن ڏانهن موڪليو وڃي. . اياز لطيف پليجي چيو ته ڪرپٽ مافيا سنڌ جي وسيلن ۽ وحدت کي داءَ تي لڳائي ڇڏيو آهي. لکين ايڪڙ زمين بلڊر مافيا جي قبضي ۾ آهي. ڪڏهن ڪارونجهر، ڪڏهن ڪوهستان، ڪڏهن ساحلي پٽي، ڪڏهن ٻيٽ وڪرو ڪيا وڃن ٿا. اياز لطيف پليجي چيو ته پيپلزپارٽي جي گذريل حڪومت ۾ ترقياتي ڪمن جي نالي ۾ اربين روپيا خرچ ڪيا ويا آهن پر سنڌ ۾ هڪ به اهڙي يونين ڪائونسل ناهي جيڪس ماڊل هجي ۽ سمورين بنيادي سهولتون هجن. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ۾ 18 ضلعن ۾ ماڻهن کي گٽر مليل پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي ٿو. شهر ڪچري جو ڍير ۽ ڀڙاڙيون کنڊر بڻيل آهن. هوڏانهن قومي عوامي تحريڪ پاران سڀاڻي (اڄ) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو جي 55 هين سالگره سڄي سنڌ ۾ ملهائي ويندي. جڏهن ته نصيرآباد شهر ۾ اياز لطيف پليجي جي اڳواڻي ۾ محبت سنڌ ريلي ڪڍي ويندي. ريلي کانپوءِ سالگره ۽ محبت سنڌ جلسي عام ڪيو ويندو جنهن ۾ 20 پائونڊ سالگره جو ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويندو. سنڌياڻي ثقافتي گروپ پاران قومي گيتن تي

ٽيبلوز ڪيا ويندا. آخر ۾ محفل موسيقي ٿيندي جنهن ۾ مشهور نالي وارا فنڪار منظور سخيراڻي، خوشبو لغاري ۽ ٻيا فنڪار قومي گيت پيش ڪندا.

بقايا ❊❊❊ 28

مذهبي، اسڪالرن خطاب ڪيو ۽ ان موقعي تي آئلن کي شيلڊ پڻ ڏنا ويا. ڪانفرنس ۾ پاڪستان ويلفيئر هيروز آرگنائيزيشن رجسٽرڊ ۽ گلوبل ڪيئر ڪميونٽي ويلفيئر ايسوسيئيشن پڻ تعاون ڪيو

بقايا ❊❊❊ 29

ٿر ۾ ڪم ڪري غلط الزامن ۽ پروپيگنڊا کي ناڪام ڪري ڇڏيو ۽ غربت بيروزگاري جا مسئلا آهن. ان کان انڪار نٿو ڪري سگهجي قائد عوام ۽ بينظير ڀٽو جا وفادار اڄ مون سان گڏ نڀائي رهيا آهن اسان شهيد بي بي جا واعدا نڀائي رهيا آهيون. اسان جي ڪوشش آهي ته اڻ پوري مشن کي مڪمل ڪريون ٿر ۾ عورتن ۽ ٻارن جي موت جي شرح ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي ٿي آهي، ٿرپارڪر ۾ اڳ ڊاڪٽر نه هوندا هئا. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اسان جو پلان آهي ته ٿرپارڪر کان ڪراچي تائين ريلوي لائن ناهڻي آهي، ريلوي لائن جو فائدو ٿر جي ڪوئلي کي مارڪيٽ تائين پهچائڻ آهي. آر او پلانٽ صوبي ۽ وفاق جي اخلاف جي ڪري سست رفتار جو شڪار ٿيو سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ جيڪو گهرن جو منصوبو شروع ٿيو اهو سست رفتار جو شڪار ٿيو وفاقي حڪومت سان جهيڙو رهيو آهي ته هتان جي رائلٽي هتان جي عوام تي خرچ ٿيڻ گهرجي. رائلٽي جو ڪم اسان جي حڪومت ختم ٿيڻ جي ڪري نه ٿي سگهيو. پيپلزپارٽي جي چيئرمين چيو ته ماڻهو ٻارڙن جي ضرورت پوري نه پيو ڪري سگهي. هي پاڪستان جي سياستدانن ۽ حڪمرانن لاءِ شرمساري واري ڳالهه آهي. اسلام آباد ۽ عوام وچ ۾ هڪ وڏي وٿي آهي. اسلام آباد ۾ ويهندڙن کي زميني حقيقتن بابت گهٽ ڄاڻ آهي. اسان ساڄي کابي پاسي نٿا ڏسون. اسا عوام لاءِ ڏسون ٿا. ملڪ ۾ سياسي ۽ معاشي بحران هيون. پرڏيهي سطح تي پاڪستان کي اڪيل ڪيو ويو هو وقت مطابق پي ڊي ايم سان حڪومت ناهڻ ٺيڪ فيصلو هو اسان هاڻي اليڪشن ڏانهن وڃي رهيا آهيون. خواهش هوندي به پيپلزپارٽي جي حڪومت نهي، ليول پلينگ فيلڊ پيپلزپارٽي کي ڪڏهن به ناهي ملي. بلاول ڀٽو چيو ته وفاق ۽ صوبي ۾ حڪومت هجي، ادارا گڏ هجن ۽ اوهان ضمني اليڪشن کان پڇي وڃو چا اوهان اڳ هي سياست ڏٺي آهي. مان ناهي ڏٺي مقامي اليڪشن کان پڇي ويا. پتو ناهي ڪهڙو ڊپ هيو مسلم ليگ ن کي ڀيريان بلوچستان تي فوڪس ڪرڻ گهرجي ها. اسان کي پي ڊي ايم مان ڪڍيو ويو اسان تي تنقيد ڪئي وئي ته باپ کان ووٽ ڪيئن ورتا. جيڪڏهن ڪالهه باپ پارٽي خراب هئي ته اڄ به خراب هوندي اهڙو ئي نتيجو ميان صاحب جي دور ۾ نڪرندو. اڳوڻي وفاقي وزير چيو ته مقبول باقر جهڙو نگران وڏو وزير ڪٿي ٻي هنڌ نه ملندو. ان جي ڪردار تي ڪو سوال نٿو اٿاري سگهي. جج جي حيثيت سان جسٽس مقبول باقر ثابت ڪري ڇڏيو ته هو انصاف ڪرڻ جهڙو ماڻهو آهي. ان تي ڀروسو ڪري سگهجي ٿو ته هو هر ڪنهن سان انصاف ڪندو. پيپلزپارٽي سان ناانصافي نه ٿيندي. بلاول ڀٽو چيو ته افسوس جي ڳالهه آهي ته سنڌ ۾ ٽرانسفر پوسٽنگ پئسن تي ڪئي پئي وڃي. مون کي خبر آهي ته سنڌ حڪومت اديب رضوي سان ڪم ڪري رهي آهي ته نيڪ ٿيندو. جيڪڏهن غريب عوام جو نقصان ٿيندو ته مان معاف نه ڪندس مان پنهنجي 15 مهينن جي ڪارڪردگي کان پوءِ اليڪشن وڙهڻ لاءِ تيار آهيان. شهبازشريف ۽ ٻيا اڳواڻ به تيار آهن يا پنهنجو منهن به لڪائي رهيا آهن.

بقايا ❊❊❊ 30

آفريدي جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ سينيٽر سعديه عباسي چيو ته گذريل ڏينهن سينيٽ آرمي ايڪٽ ۾ ترميم بابت سپريم ڪورٽ فيصلي جي خلاف قرارداد منظور ڪئي. جڏهن رڳو 12 ميمبر ايوان ۾ موجود هئا. ايجنڊي ۾ جيڪا شئي شامل نه هئي ان کي پيش ڪيو ويو هي قرارداد جمهوريت جي نفي آهي ۽ جمهوريت تي راتاهو هنيو ويو آهي هن چيو ته ايوان قائدن ۽ ضابطن کان هٽي جيڪو ڪم ڪيو اسان ان جي سپورٽ نٿا ڪريون، اسان ڪنهن به صورت ملٽري ڪورٽس جي اجازت نٿا ڏئي سگهون، نه ان

جي حمايت ڪريون ٿا. سينيٽر سعديه عباسي چيو ته سپريم ڪورٽ ۾ جيڪو فيصلو ڪيو ويو اهو ڪنهن جج پنهنجي ذات لاءِ ناهي ڪيو پر پاڪستان جي عوام جي فائدي ۾ ڪيو هي پيرو پيرو آهي جڏهن سپريم ڪورٽ ملٽري ڪورٽس کي رد ڪيو هن چيو ته سياڻي ايوان ۾ مارشل لاءِ لڳائڻ جو ٺهراءُ اچي وڃي ته ڇا ملڪ ۾ مارشل لاءِ لڳايو ويندو. سينيٽر سعديه عباسي چيو ته چيئرمين صاحب ايوان کي ائين استعمال ڪرڻ افسوسناڪ آهي. ۽ ايوان کي ايئن استعمال ڪرڻ جي جيتري مذمت ڪئي وڃي گهٽ آهي، هن چيو ته هي طريقو پارلياماني روايت جي نفي ڪري ٿو موجوده حالتن ۾ اهڙي ٺهراءَ جي منظوري سان جمهوريت مضبوط نه پئي ٿئي. هي ٺهراءُ واپس وٺو ان موقعي تي سينيٽر رضا رباني، طاهر بزنجو تاج حيدر، مشتاق احمد خان به ان ٺهراءَ جي خلاف سيٽن تي اٿي بيهي احتجاج ڪيو سينيٽر رضا رباني ۽ سينيٽر مشتاق احمد ٻنهي چيو ته ان معاملي تي ڳالهائڻ چاهيون ٿا، جنهن تي ڊپٽي چيئرمين مرزا آفريدي جواب ڏنو ته سينيٽ ايجنڊا مڪمل ڪري مان اوهان کي ڳالهائڻ جي اجازت ڏيان ٿو انهي دوران جڏهن سينيٽ ۾ ڪورم جي نشاندهي لاءِ گهنٽيون وڄايون ويون ته ڪورم پورو نه نڪتو جنهن سبب اجلاس جمعي ڏينهن ساڍي 10 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو

بقايا ❊❊❊ 31

داٿو ۽ ٻيو سامان هٿ ڪري ورتو ايس ايس پي ڪياماڙي عارف اسلم راٺو ٻڌايو ته هٿ آيل پلاسٽڪ ڪين، بوتلون ۽ ڪارٽن ۾ جعلي انجڻ آئل پيڪ ڪري شهر ۾ جعلي آئل جي ڊيلرن کي سپلاءِ ڪيو وڃي ٿو ڇاپي دوران جعلي انجڻ آئل ٺاهيندڙ گودام مان بوتلون ۽ ڪين ٺاهڻ ۾ استعمال ٿيندڙ پلاسٽڪ داڻي جا 20 ٻورا هٿ ٿيا آهن. جن جو وزن 500 ڪلو آهي. هن ٻڌايو ته ڇاپل گودام نديم ابا ۽ نويد ابا نالي جعلي آئل ڊيلرز جو آهي ۽ چند هفتا اڳ بلديا پوليس انهن ٻنهي جعلي انجڻ آئل ٺاهيندڙ فيڪٽري ۽ گودام تي ڇاپو هڻي وڏي انگ ۾ جعلي انجڻ آئل سميت مشينري، پيڪنگ ميٽريل، اسٽيڪرز ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو هو بلديا پوليس پيڪنگ گودام تي ڇاپي ۽ سامان هٿ اچڻ جي حوالي سان ڪيس داخل ڪري ورتو جڏهن ته ان حوالي سان ڪائي گرفتاري ناهي ٿي سگهي.

بقايا ❊❊❊ 32

محمود قريشي جي خلاف سائفر ڪيس جيل ۾ ٻڌڻي روڪڻ جو حڪم ڏيندي سمورو رڪارڊ 2 ڏينهن ۾ طلب ڪري ورتو. جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب ۽ جسٽس ثمن رفعت امتياز تي ٻڌل بينچ پي ٽي آءِ چيئرمين جي انٽرا ڪورٽ اپيل تي ٻڌڻي ڪئي. اٽارني جنرل منصور اعوان عدالت کي ٻڌايو ته وفاقي ڪابينه سائفر ڪيس جي جيل ٽرائل جي منظوري ڏني. عدالت چيو ته اهو نوٽيفڪيشن اسان ڏسنداسين ته ان ۾ ڇا لکيل آهي؟ جيل ٽرائل ٿيندو ته اهو غير معمولي ٽرائل هوندو. اٽارني جنرل چيو ته اهو غير معمولي ٽرائل نه صرف جيل ٽرائيل آهي. جسٽس ميان گل حسن چيو ته اسان ڄاڻڻ چاهيون ٿا ته اهڙيون ڪهڙيون حالتون هيون آهن جو اهو ٽرائيل هن وقت هلايو پيو وڃي. جڏهن ته جيل ٽرائيل جا 3 نوٽيفڪيشن هاءِ ڪورٽ جي لاڳاپيل رولز جي موجب نه آهن. اٽارني جنرل چيو ته مان سمورن لاڳاپيل ادارن کان رڪارڊ وٺي عدالت جي سامهون رکندس. پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل سلمان اڪرم راجا چيو ته پنج گواهه هن وقت به جيل ۾ بيان رڪارڊ ڪرائڻ جي لاءِ موجود آهن.

بقايا ❊❊❊ 33

آهن ته وڪيل اهڙا ڪيس 20 سالن تائين اينگهائي ڇڏين ٿا. چيف جسٽس چيو ته درخواستگذار معاهدو به زباني ڪري ٿو ۽ رليف به عدالت کان گهري ٿو. چيف جسٽس پڇائو ڪندي چيو ته ڇا زباني معاهدو ڪري قرآن پاڪ جي آيت جي ڀڃڪڙي ناهي ٿي، قرآن پاڪ جي تعليم مطابق به معاهدو زباني نه پر لکت ۾ ٿيندو آهي. عدالت چيو ته درخواستگذار مقرر ڪيل مدي ۾ طئي ٿيل رقم جمع ڪرائڻ ۾ ناڪام رهيو درخواستگذار محمد رفيق 4 ايڪڙ زمين خريد ڪرڻ لاءِ 152 ملين روپين جو معاهدو ڪيو هو ۽ 2 مهينن ۾ درخواستگذار رڳو 15 ملين رقم ادا ڪري سگهيو

پي ٽي آءِ ۽ نوازليگ جي دورجي ڀيٽ ۾ پ پ حڪومت اڳتي آهي : بلاول ڀٽو زرداري

اسان شهيد ڀٽو ۽ شهيد بي بي جا وائدا نڀائي رهيا آهيون ۽ پوري ملڪ ۾ هيومن ڊيولپمينٽ تي ڪم ڪرڻ چاهيون ٿا

سنڌ حڪومت ٻين منصوبن ۾ پوري صوبي سنڌ کي ايشيا جي پراجيڪٽن ۾ شامل ڪيو آهي غربت ۽ بيروزگاري جا مسئلا آهن

ٿر ۾ ٻارڙن جي موت جي شرح ۾ گهٽ ٿي آهي اڄ به پوري ملڪ ۾ تمام گهڻو ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي

مٺي (ڊ ر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته اسان جي ڪردار ڪشي ڪئي ويندي آهي ته پيپلز پارٽي ڊليور نٿي ڪري سگهي، اسان ٻڌائڻ گهرون ٿا ته اسان ڊولپمينٽ تي تاريخي ڪم ڪيو آهي، مٺي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پيپلزپارٽي گذريل دور ۾ وڏا ۽ تاريخي ڪم ڪيا آهن. ماضي ۾ اسان جي ڪردار ڪشي ڪئي وئي ته پيپلز پارٽي ترقياتي ڪم ڪرائڻ ۾ ناڪام وئي آهي، هن چيو ته غربت ۽ بيروزگاري وڏا چيلينج آهن. اسان جي ڪوشش آهي ته ناممڪن کي ممڪن بڻايون. بلاول چيو ته ٿرپارڪر ۾ پرائيوٽ پارٽنر شپ تحت لڳايل منصوبا عالمي ڌيان جو مرڪز بڻيل آهن. اسان ٿر ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي، هن چيو ته ٿرپارڪر ۾ ٻارڙن جون فوتگيون گهٽجي ويون آهن، اڃا ڪم ڪرڻو آهي، ريشو اڃا به گهٽائڻو آهي. بلاول چيو ته واويلا ڪئي ويندي آهي ته پيپلز پارٽي بزنس جي خلاف آهي، اسان ثابت ڪيو آهي ته اسان ڊليور به ڪري سگهون ٿا، پي ٽي آءِ ۽ نوازليگ جي حڪومتي دورجي ڀيٽ ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي حڪومت اڳتي آهي ۽ اسان پنهنجو منشور تحت عوام جي ڀرپور خدمت ڪئي آهي. هوڏانهن پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪانجي مل ڪالوني پهچي ڊاڪٽر ڪٿو مل جيوڻ سان سندس ڀاءُ لڇمڻ داس جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي، ان موقعي تي راهول جيون، ڊاڪٽر هرچند راڻا، طوطا رام، ڪانجي مل ۽ ٻين سان ڏک جو اظهار ڪيو ويو. پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، تعلقه احمد کهڙو، شازيه مري، سيد مراد علي شاهه، ڊاڪٽر مهيش ملاڻي، انجنيئر گيانچند اسراڻي، رميش مالهي ۽ ٻين پڻ ڊاڪٽر ڪٿومل جيوڻ سان تعزيت ڪئي. پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري مرحوم لڇمڻ داس جي ايصال ثواب لاءِ نيڪ تمنائن ۽ سوگوار پونئرن کي صبرجي تلقين ڪئي.

بقايا سنڌيار 01

عرس مبارڪ جون تياريون زور شور سان جاري آهن. سڄي ملڪ ۾ عرس مبارڪ جا وال پوسٽر ۽ تندا وڏا پينافليڪس لڳايا پيا وڃن. عرس جي عوامي دعوت لاءِ پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ خلفا ڪرام، علماءِ عظام ۽ ظاهري فقيرن وفدن جي صورت ۾ دورو ڪري رهيا آهن. حضرت سوهڻا سائين رحمت الله عليه جن ماڻهن جي دلين ۾ خدا جي ياد ۽ عشق مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جون شمعون روشن ڪيون. جنهن سان ماڻهن جون دليون الله تعاليٰ جي ذڪر سان ڀرجي ويو. حضرت سوهڻا سائين رحمت الله عليه اسلام جي آفاقي پيغام ۽ انسانيت سان محبت جو درس ڏيڻ لاءِ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ خليفن ۽ مبلغين کي موڪليو. حضرت سوهڻا سائين رحمت الله عليه جي دين ۽ ديني خدمتون عظيم آهن. حضرت سوهڻا سائين رحمت الله عليه جي سموري زندگي اسلام جي عقيدن ۽ رسول الله صلي الله عليه واله وسلم جي محبت جو مظهر هئي. حضرت سوهڻا سائين رحمة الله عليه جو مشن هو ته مسلمان باطني ۽ ظاهري طور تي اسلام ۽ سنت مصطفيٰ جي قول ۽ فعل جي زنده تصوير هجي. حضرت سهڻا سائين رحمت الله عليه جن روحاني نظام جي فروغ جي آڙ ۾ خرافات ۽ غيرشرعي حرڪات جا سخت خلاف هئي. حضرت سوهڻا سائين رحمت الله عليه علوم شريعه جي ترويج ۽ اشاعت ۽ درس تدريس جي لاءِ مدارس جو قيام عمل ۾ آندو.

بقايا سنڌيار 02

واري پاليسي تي عمل ڪبو ته بهتري ته اچي سگهندي. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي آفيس ۾ پوليو مهم جي حوالي سان ڪوٺايل هڪ گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو. گڏجاڻي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر، ڊي ايڇ او ۽ ڊي ايم پي پي ايڇ آئي سميت لاڳاپيل ميڊيڪل آفيسرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر خطاب ڪندي چيو ته پوليو مهم کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ روٽين امونائيزيشن تي به خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. ارڙي کي پکڙجڻ کان روڪڻ لاءِ جوڳا اپاءَ ورتا وڃن جڏهن ته علائقائي صورتحال کي نظر ۾ رکندي پوليو ٽيمن جي جوڙجڪ ڪئي وڃي ته جيئن مهم دوران فيلڊ ۾ ڪين مشڪل پيش نه اچي. ان موقعي تي هن ڊي ايڇ او کي سختي سان هدايت ڪندي چيو ته خراب ڪارڪردگي واري يونين ڪائونسلن ۾ ڪاڪردگي کي بهتر ڪيو وڃي جڏهن ته لاپرواهي ڪندڙ ٽيمن خلاف ڪارروائي ڪري رپورٽ فراهم ڪئي وڃي ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي سستي قبول نه ڪئي ويندي. ان کان اڳ اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر ظهير ڊومڪي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته 27 نومبر کان 3 ڊسمبر تائين جاري رهندڙ پوليو مهم دوران ضلعي جي 4 لک 58 هزار ٻارڙن کي ڦڙا پيارڻ لاءِ انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن. گڏجاڻي ۾ ڊبليو ايڇ او جي ڊاڪٽر نياز ۽ يونيسيف جي ڊاڪٽر رحيم گڏاڻي پڻ شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 03

عمارت مان جاچ ڪرڻ ڪري. استادن شاگردن ۽ شاگرديائين جي زندگي خطري ۾. تعيلم پڻ سخت متاثر ٿي رهي آهي ڳوٺائن ۽ شاگردن پاران سيشن جج بدين ۽ ڊپٽي ڪمشنر کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل تفصيل موجب بدين جي وارڊ نمبر 6 جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ولي محمد شاهاڻي جي اسڪول بلڊنگ سان گڏ ٻه سال اڳ جاچ ڪرڻ ڪري هڪ شاگرد زخمي ٿيڻ جون خبرون ميڊيا تي لڳڻ کان پوءِ بدين جي سيشن جج نوٽيس وٺي ايجوڪيشن ورڪس کاتي کي حڪم ڏنو هو ته فوري طور اسڪول جي عمارت جو مرمتي ڪم ڪرائي ڏنو وڃي پر هڪ سال گذرڻ باوجود به ايجوڪيشن ورڪس کاتي بدين جا آفيسر عدالت سڳوري جي سيشن جج جي حڪم تي عمل نه ڪري سگهيا آهن ان سلسلي ۾. شاگردن جي والدين ۽ ڳوٺائن محمد حنيف شاهاڻي، خدابخش شاهاڻي، گل سومرو، وينجهو ڪولهي، ۽ ٻين موجب ته هن وقت اسڪول بلڊنگ جي ڇت جا جاچ ڪري رهيا آهن اسڪول جي چوديواري پڻ ڪري پئي آهي ۽ ٻاٿروم مڪمل ختم ٿي ويا آهن ۽ ۽ دريون پڻ چوري ٿي ويون آهن . اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن جون زندگيون خطري ۾ آهن هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ سيشن جج بدين ۽ ڊپٽي ڪمشنر بدين کي اپيل ڪندي گهر ڪئي ته گورنمينٽ پرائمري. اسڪول ولي محمد شاهاڻي جي بلڊنگ جو فوري مرمتي ڪم ڪرائي شاگردن جي تعليم متاثر ٿيڻ کان بچائي وڃي

بقايا سنڌيار 04

خبر موجب نئون ڪوٽ جي بازار ۾ موالي ڪهاڙي کڻي مارڪيٽ ۾ گهمندڙ ماڻهن پويان ڪاهي پيو. جنهن سبب ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي وئي. اطلاع تي نئون ڪوٽ پوليس پهچي موالي خلاف ڪارروائي ڪرڻ بجاءِ ڪيس مينٽل قرار ڏئي وٽان ڪهاڙي کسي موالي کي ڇڏي رواني ٿي وئي. پوليس جو چوڻ هو ته همراه پاڳل آهي جنهن کان ڪهاڙي کسي ورتي آهي هاڻي شهرين کي تنگ نه ڪندو ۽ پاڳل کي گرفتار ڪري ڇا ڪنداسون. هوڏانهن شهرين جو چوڻ آهي ته موالي سبب تنگ اچي ويا آهيون. هو روزاني مارڪيٽ ۾ سرعام ڪهاڙي کڻي شهرين سان منهن ماري ڪندو رهي ٿو. پوليس انهي خلاف ڪارروائي ڪرڻ بجاءِ مينٽل قرار ڏئي ڇڏيو ٿي هنن چيو ته انهي خلاف ڪارروائي نه ٿي ته ڪنهن به وقت ڪنهن کي وڏو نقصان رسائي سگهي ٿو

بقايا سنڌيار 05

جنرل پبلڪ رليشنز ڪراچي کي موڪلي ويندي. ان موقعي تي ڊائريڪٽر انفارميشن سکر چيو ته سنڌ حڪومت جو ان بابت واضح حڪم آهي ته ويب چينلز ۽ ويب اخبارن جو ڪو به مستقبل ناهي ۽ نه ئي کين ڪا سهولت فراهم ڪئي وڃي ان کان بعد ڊائريڪٽر انفارميشن سکر روهڙي پريس ڪلب جو دورو ڪيو ان موقعي تي هن ڳالهائيندي صحافتي تنظيمن جي عهديدارن کي پنهنجو صحافتي فرض نڀائڻ لاءِ زور ڀريندي چيو آهي ته ڊويزن جي سمورن ويب اخبارن ۽ ويب چينلن جي صحافين کي فوري طور تي پنهنجن عهدن تان هٽائين ته جيئن حقيقي صحافين کي سندن حق ملي سگهن.ان موقعي تي ڊائريڪٽر انفارميشن سکر طرفان سنڌ انفارميشن ڊپارٽمينٽ طرفان صحافين کي ملندڙ سهولتن بابت آگاهي ڏني.

بقايا سنڌيار 06

جي اڳواڻي آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن جو مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري قلندر بخش شاهاڻي ڪشن راجا، صدرالدين ڀٽي، نويد ٽگر، مولابخش شيخ، منظور ملڪ، عمران راڄپر، ساجد ٽگر، محبوب علي شيخ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا احتجاجي ريلي ميونسپل آفيس کان پريس ڪلب تائين ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي اڳواڻن چيو ته گذريل ٽن مهينن کان ميونسپل ڪاميٽي جي ملازمن جو پگهارون نه ٿيڻ ڪري ملازم فاڪاڪشي جو شڪار آهن ان کان علاوه رٽائر ٿيندڙ ملازمن کي پينشن، گريجوئيٽي به نٿي ملي ان لاءِ اسان جا جائز مطالبا تسليم ڪري ملازمن جون جلد کان جلد پگهارون ڪيون وڃن ۽ ملازمن سان بيچيني ختم ڪئي. جڏهن احتجاج دوران ڌرڻي واري جاءِ تي ميونسپل آفيسر لياقت ڀٽي ۽ وائيس چيئرمين ڊاڪٽر ڪاشف ميمڻ پهتا انهن ملازمن جي وفد سان ڳالهيون ڪندي چيو ته احتجاج ختم ڪيو جلد کان جلد اوهانجون پگهارون جاري ڪرڻ سان گڏ ٻيا مسئلا حل ڪيا ويندا ان موقعي تي ملازمن چيو ته گذريل ٽن ڏينهن کان اسان احتجاج ڪري رهيا آهيون اوهان مسئلا حل نه ڪري سگهيا آهيو ان لاءِ اسان پگهارون جاري ٿيڻ تائين احتجاج ختم نه ڪنداسين ان موقعي تي ملازم اڳواڻن ڪم ڇڏ هڙتال جو اعلان ڪندي چيو ته جيستائين پگهار نه ڪئي وئي ته اسان ڪم ڇڏ هڙتال جو اعلان ڪيون ٿا.

بقايا سنڌيار 07

صندل روڊ تي بيٺل ريڙها ۽ ٻيا قبضا هٽائڻ لاءِ هيوي مشينري ذريعي آپريشن شروع ڪري ناجائز اڏاوتون ۽ قبضا ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جهڏو شبير جان جسڪاڻي چيو ته اسان دڪاندارن کي اڳ ۾ ئي اطلاع ڪري ڇڏيو هو ته پاڻمرادو حدخلين ۽ قبضا خالي ڪري ڇڏيو پر شهرين ان تي ڪو به عمل نه ڪيو جنهن بعد اڄ اسان آپريشن شروع ڪيو آهي سموري شهر مان حدخلين ۽ قبضا هٽايا ويندا.

بقايا سنڌيار 08

کي يقيني بڻائين. غير حاضر استادن خلاف بروقت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ جيڪي به استاد اسڪول وڃڻ بدران ڪاروبار ڪري رهيا آهن انهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر چيو ته آفيسر ۽ استاد ڳوٺاڻن سان ملاقات ڪري ٻارن جي حاضري کي يقيني بڻائين. ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي ۽ تعليم جي حوالي سان شڪايتون فوري طور تي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. هن هدايت ڪئي ته تعليم کاتو ٿرپارڪر پنهنجي ڪارڪردگي رپورٽ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر جي آفيس ۾ جمع ڪرائي . ان موقعي تي ضلعي ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري شمس الدين راٺوڙ، چيف مانيٽرنگ آفيسر محمد ابراهيم ۽ تعلقي ايجوڪيشن آفيسرن ٿرپارڪر ۾ موجوده تعليم بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو ڀڳوان داس، سمورن تعلقن جا اسسٽنٽ ڪمشنر سميت سمورا تعلقه ايجوڪيشن آفيسر موجود هئا.

بقايا سنڌيار 09

قمبر جي ديهه جاگير نمبر 5 ۾ واقع اسان جي موروثي ملڪيت زرعي زمين 24 ايڪڙ ايراضي تي مقامي بااثر قبضه گير گروپ جتڪ برادري جي ماڻهن حسن جتڪ، سڏير جتڪ، صدام جتڪ، رياض جتڪ، حاجي نبن جتڪ، پاران قبضو ڄمائي ورتو آهي. جنهن لاءِ مان سراپا احتجاج آهيان پر بااثر ايترا ته طاقتور آهن يا سندن کي ڪنهن طاقتور ڌر جو هٿ مٿان آهي جو هن وقت تائين مونسان انصاف ناهي ٿي سگهيو هن اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي منهنجي زرعي موروثي ملڪيت تان قبضو ختم ڪرائي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 10

ٻارڙن جو احتجاج تدارڪ جي گهر تفصيل موجب. سکر جي ٻچل شاه مياڻي ۾ سالن کان علائقي واسين لاءِ قبضا گير بااثر بلڊر رائو شاڪر آزار بڻيل آهي. بلڊر جون غريبن سان ناجائزيون رهواسين جي پلاٽن ۽ قبرستانن تي ٿيل قبضن خلاف شهرين جي احتجاجن تي انتظاميه جي خاموشي سبب بااثر بلڊر رائو شاڪر جون ناجائزيون ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳيون. بلڊر پاران پرائمري اسڪول صدورو شيخ جو رستو بند ڪري هٿيار بند مقرر ڪري ڇڏيا آهن جنهن سبب اسڪول ۾ پڙهندڙ معصوم ٻارڙن سميت والدين به پريشان آهن. جڏهن ته گذريل ڏينهن اسڪولي ٻارڙن اسڪول اندر احتجاج ڪري قبضا گير ۽ بااثر بلڊر رائو شاڪر خلاف سخت نعريبازي ڪندي چيو ته ڪيترن ئي ڏينهن کان اسڪول جو رستو بند ڪري بلڊر جا هٿيار بند هٿيارن جي زور تي علائقي ۾ دهشت ڦيلائڻ سميت غريبن سان ناجائزيون ڪندڙ آهن. طالب علم معصوم ٻارڙن تعليم کاتي ۽ حڪومت سنڌ کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي اسڪول جو بند ڪيل رستو بحال ڪري پريشان ٿيڻ کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 11

رهواسي شهيد جوان مهتاب علي پليجو جي والد محمد الياس پليجو ۽ سندس سموري خاندان سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کي اپيل ڪندي چيو آهي اسان جي پياري ملڪ پاڪستان جي حفاظت ڪندي پنهنجو جانيون ملڪ مٿان قربان ڪندڙ شهيد اسانجي عظمت، عزت ۽ مان. شان آهن. جن جا ڪيس فوجي عدالتن وسيلي حل ٿي انهن جي وارثن کي فوجي عدالتن انصاف مهيا ڪيو آهي، پر هاڻي فوجي عدالتن کي ختم ڪري شهيدن جي وارثن سان ناانصافي ڪئي پئي وڃي. هن چيوفوجي عدالتن جي بحالي لاءِ سپريم ڪورٽ اف پاڪستان ۾ درخواست پڻ داخل ڪرائي ويندي. هنن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کان مطالبو ڪيوفوجي عدالتن جي خاتمي واري فيصلي تي نظر ثاني ڪري فوجي عدالتن کي بحال ڪري گرفتار دهشتگرد ڪلڀوشڻ ياديو کي پنهنجي اخري انجام تائين پهچائي شهيدن جي وارثن کي تڪڙو انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ فوجي عدالتن کي بحال رکيو وڃي.

بقايا سنڌيار 12

ڌرڻي تي به پگهارون نه ٿيو اڄ نائين ڏينهن ملازم نيشنل پريس ڪلب اڳيان تتل اس ۾ ڌرڻو وائيس چيئرمين ميونسپلڪميٽي ڊاڪٽر ڪاشف ڌرڻي واري هنڌ پهچي 50 هزار روپيا پنهنجي پاران في حال تڪڙي خرچ لاءِ ڏنا ۽ ٻن ڏينهن اندر پگهارون ڏيڻ جو چيو مگر ملازمن مولابخش شيخ، نويد ٽگر . ڪشن راجا منظور ملڪ ۽ ٻين چيو ته اسان ٽن مهينن کان فاڪا ڪشيءَ جي زندگي پيا گذارون اسان جا ٻار بيمار آهن دڪاندارن اسان گهر جوسيڊو ڏيڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو آ هاڻي اسان هڪ ويلي لاءِ پريشان آهيون آفيسرن جا رڳو دلاسن تي دلاسا اسن کي پگهارون ملن پر ٽي ايم او نه ٿو چاهي ته ملازمن پگهارون ملن جيستائين اسان کي پگهار جا چيڪ نه ملندا تيستائين اسين احتجاج ختم نه ڪنداسين ڪالهه اسان اعلان ڪيو هو ته سڀاڻي کان ڪم ڇڏ هڙتال ڪنداسين پر انهن اسان جي اعلان کي مذاق سمجهيو اڄ اسان جو ڪوب ملازم صفائي نه ته ويو آ پلي شهر ڀڏي گند رستن ي پيو هجي آن جو ذميوار ڊي سي ۽ ٽي ايم ميونسپل ڪميٽي آهن هوڏانهن مرڪزي عهديدار ڌرڻي ۾ اچي سندن حمايت جو علان ڪيو

بقايا سنڌيار 13

گهر ڪري چڙن. گهر ڀاتين سان بدتميزي، سون، روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان هٿيارن جي زور ۽ ڏاڍ ڏهڪاءُ پيدا ڪري ڦرلٽ ڪرڻ خلاف نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي سربراهه ممتاز بروهيءَ پاران ذاتي طور (ان پرسن) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچيءَ آڏو داخل ڪرايل آئيني پٽيشن جي ٻڌڻي اڄ 2 نومبر 2023 ع تي مسٽر جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو ۽ مسٽر جسٽس امجد علي سهتو تي ٻڌل ٻنچ آڏو ٿي گذري. جنهن ۾ اي ايس پي ڪراچي اولڊ ۽ سورجاڻي ٿاڻي جو ايس ايڇ او ۽ امجد ڪياڻي ڪورٽ آڏو پيش ٿيا. مسٽر جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو مسٽر جسٽس امجد علي سهتو تي ٻڌل ٻنچ پاران پڇاڻو ڪرڻ تي پوليس عملدارن پاڻ کي آجو ڪرائڻ خاطر ڪوڙ ڳالهائڻ شروع ڪيو ته اسان آفتاب بروهيءَ کي گرفتار ڪونه ڪيو آهي ۽ اهو اسان وٽ نه آهي. جنهن تي ٻنچ پاران ڪاوڙ ۽ بيزاريءَ جو اظهار ڪندي، ڪنپيل آفتاب بروهي کي ترت ظاهر ڪري ڪورٽ آڏو پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. ٻنچ پاران پڇاڻو ڪرڻ تي ان کي ٻڌايو ويو ته ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ پوليس منگهوپير جي بدلي ٿي وئي آهي. ان جڳهه تي جيڪو به نئون عملدار مقرر ٿيندو، اهو اڳين ٻڌڻيءَ تي هن عدالت آڏو پش ٿيندو. ان بعد ڪنپي گم ڪيل آفتاب بروهيءَ جي آزاديءَ جي ڏس ۾ عدالت پاران ايس ايس پي انويسٽيگيشن اولڊ ڪراچيءَ کي اڳين ٻڌڻيءَ تي لکت ۾ ڪمينٽس سوڌو پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو.

بقايا سنڌيار 14

ڦل ميڊيا سان ڳالهائڻ دوران ڪيو تفصيل موجب ملڪ ۾ ڪانگو وائرس جي وڌندڙ ڪيسن بعد صحت کاتو سنڌ حرڪت ۾ اچي ويو آهي صحت کاتي طرفان ڪانگووائرس کان بچاءَ لاءِ سکر ۽ روهڙي ۾ ڪانگو فيور وارڊ قائم ڪيا ويا آهن وارڊن جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر سکر وزير احمد ڦل سکر سول اسپتال ۽ تعلقه اسپتال روهڙي جو دورو ڪيو ۽ ڊاڪٽرن سميت پيرا ميڊيڪل اسٽاف کي هدايت ڪئي ته اهي ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتائي نه ڪن ۽ مبتلا مريضن جو مڪمل علاج ۽ معالجي سميت پاڻ به احتياطي اپاءَ وٺن. بعد ازان ميڊيا سان ڳالهائڻ دوران ٻڌايو ويو ته ڪانگو وائرس هڪ خطرناڪ مرض آهي جيڪو چچڙ TIK جي ذريعي هڪ جڳهه کان ٻئي جڳهه منتقل ٿئي ٿو. ان کان بچاءَ لاءِ طريقو صرف ۽ صرف احتياطي اپائن تي عمل ڪرڻ آهي هي مرض جانور ۽ انسان ۽ پوءِ انسان سان انسان ۾ پکيڙجي ٿوواضح رهي ته صحت کاتو سنڌ ڪانگوو وائرس کان بچاءَ لاءِ جوڳا قدم کڻن.

بقايا سنڌيار 15

عرضي مراداڻي اڪبر مراداڻي خلاف احتجاج ڪري ڳوٺائن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي ڳوٺ جو چڱو مڙس عرضي مراداڻي ۽ اڪبر مراداڻي اسان جي زمينن تي قبضا ڪرڻ چاهين ٿا جنهن لاءِ هن اسان مٿان ڪوسڪي پوليس اسٽيشن جي اڳوڻي ايس ايڇ او لياقت ڀنڀرو سان ملي ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا آهن هنن چيو ته اسان خلاف ڳوٺ جي چڱي مڙس رڻ ٻاري ڏنرآهي رات جو اسان جي گهرن تي پنهنجي هٿيار بند ماڻهن سان حملو ڪري اسان جي عورتن تي تشدد ڪيو جنهن بعد اسان اهڙو فرياد ڪوسڪي ٿاڻي تي ڪئي آياسين پر سياسي سفارش سبب پوليس اسان کان ڪيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي هنن چيو ته ڳوٺ جو چڱو مڙس اسان جي ذاتي زمين تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو جنهن لاءِ هو اسان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي اسان کي تنگ ڪري رهيو آهي هنن سنڌ جي نگران وڏي وزير ۽ آئي جي سنڌ کان نوٽيس وٺي انصاف ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 16

مان آيل مل پهلوان ۾ مقابلو جاري آهن جنهن مختلف مل پهلوان حصو ورتو آهي. جڏهن ته ميلي ايراني سرڪس موت جو کوهه ٻارڙن لاءِ جهولا ٽونڙي مٺائي جا دڪانن کي سجايو ويو آهي. ميلي جي صوفي فنڪار ٽونڙي علائقي فنڪار پڻ فن جو مظاهرو ڪري رهيا آهن ميلو ٽن ڏينهن تائين جاري رهندو ميلو لڳرائيندڙ حاجي علي ڏنو مهر جو چوڻ آهي ته هن پوسٽ واري ماحول ۾ جتي تفريح لاءِ ماڻهو وٽ ڪابه سهولتون اتي اهڙا ميلا ماڻهن جي تفريح جو مرڪز هجن ٿا جنهن ۾ وڏي انگ ماڻهو شرڪت ڪن ٿا

بقايا سنڌيار 17

ترقياتي اسڪيمن بابت قراردادون يڪراءِ سان منظور ڪيون ويون. اجلاس ۾ اسرائيل خلاف مزهمتي قرداد تقي عباس ڪماريو پاران پيش ڪئي وئي. قرارداد تي ڳالهائيندي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبرن عبدالسلام انڙ، نصرالله خان دل، شهاب خان پيو، حمادالله جامڙو ۽ ٻين ميمبرن چيو ته اسرائيل فلسطين تي ظلم ڪري رهيو آهي جيڪا کليل دهشتگردي آهي اسرائيل جي طرفان فلسطينين جي اسپتالن، اسڪولن، گهرن تي بمباري ڪري معصوم ماڻهن جو قتل عام ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ ٻوڙو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو آهي. اسان هن قراراداد ذريعي اسرائيل جي دهشتگردي جي ڀرپور لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر تقي عباس ڪماريو هڪ ٻي رٽ پيش ڪندي چيو ته ترقياتي ڪمن لاءِ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبرن کي هڪ هڪ ڪروڙ ۽ ريزرو ميمبرن کي 20_20 لک جون ترقياتي اسڪيمون ڏنيون وڃن. اجلاس سان ڳالهائيندي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبرن چيو ته ڀهراڙين ۾ صفائي سٿرائي، ٽالين جي کوٽائي ۽ سولر سسٽم نه هجڻ سبب مختلف مسئلا پيش اچن ٿا. هنن چيو ته ڀهراڙين ۾ صفائي سٿرائي هر روز جي بنياد تي ڪرائي وڃي ته جيئن مختلف بيمارين کان بچي سگهجي ۽ هيلٿ ڊپارٽمينٽ کي هدايت ڪئي وڃي ته ڀهراڙين ۾ مڇرمار اسپري ڪرايا وڃن ته جيئن مليريا کان بچاءُ ٿي سگهي. اجلاس ۾ نصرالله خان دل رٽ پيش ڪندي چيو ته شڪارپور شهر جي مختلف حدودن ۾ خوبصورتي خاطر گرين بيلٽ لڳرايا وڃن. اجلاس ۾ سموريون رٿون يڪراءِ سان بحال ڪيون ويون. اجلاس سان ڳالهائيندي ضلعي چيئرمين ذوالفقار علي خان ڪماريون چيو ته ضلعي شڪارپور لاءِ مونکي پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ طرفان چونڊيو ويو آهي ۽ مونکي شڪارپور شهر جي خدمت جو موقعو مليو آهي مان ڪوشش ڪندس ته شڪارپور ضلعي کي خوبصورت بڻائيان. ان موقعي تي ضلعي چيئرمين چيو ته شڪارپور ضلعي ۾ جيڪي به ضلعي ڪائونسل جي پراپرٽي آهي ان کي خوبصورت بڻائينداسين ۽ گرين بلٽ لڳرائينداسين. اجلاس ۾ جيمخانه ڪلب ۽ پريس ڪلب شڪارپور جي فنڊن متعلق به رٽ پيش ڪئي وئي. اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر عبدالسلام انڙ جي رٽ تي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتار نه ٿيڻ تي مزمت ڪئي وئي ۽ شهيد جان محمد مهر جي روح کي ثواب خاطر دعا پڻ گهري وئي.

بقايا سنڌيار 18

رقم ۽ موٽرسائيڪل واپس ڪرائڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 19

جو اظهار ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ جماعت اسلامي پبلڪ ايڊ ڪاميٽي جو هڪ هنگامي اجلاس ٿي گذريو جنهن ۾ اڳواڻ حماد الله پٽو، سجاد لاڙ، ممتاز اڄڻ ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته بلدياتي نظام تحت صفوران ٽائون سميت يوسي 3 ۽ يوسي 4 جي پاڪستان پيپلزپارٽي جي چونڊجي آيل چيئرمينن هڪ سال جي عرصي ۾ عوامي ڀلائيءَ جو ڪو به ڪم ناهي ڪرايو جنهن ڪري عوام سندن ڪارڪردگي مان سخت مايوسي جو شڪار آهي سندن وڌيڪ چوڻ هو ته سچل ڳوٺ .بلاول شا نوراني .شاهنواز شر.عبدالله شاهه غازي ڳوٺ ۽ ٻين علائقن ۾ گندگي ڦهليل آهي گٽرن جا ڍڪڻ غائب آهن جڏهن ته پيئڻ جي پاڻي جي سهولت کان اڪثر علائقن جا رهواسي محروم آهن صفائي نظام ناقص هئڻ ڪري مختلف موذي مرض پکڙجي رهيا آهن اهڙي سنگين صورتحال هوندي به چونڊيل نمائندا عملي طور تي مسئلا حل ڪرڻ بدران رڳو فوٽوسيشن ڪرڻ ۾ رڌل آهن هنن چيو ته هڪ طرف هتان جا رهواسي سهولتن کان محروم آهن ته ٻئي طرف وري سندن گهرن کي ڍاهي رهواسين کي بيدخل ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون جيڪو سخت مذمت جوڳو عمل آهي هنن صوبائي وزير بلديات سيڪريٽري بلديات کا گهر ڪئي آهي ته صفوران ٽائون سميت يوسي 3 ۽ 4 جي چونڊيل نمائندن جي ڪارڪردگي تي نظرثاني ڪري سندن خلاف قدم کڻي علائقائي ترقياتي ڪم ڪرائي عوام کي لاڀ ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ رهواسين سان گڏجي جماعت اسلامي پبلڪ ايڊ ڪاميٽي طرفان احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا.

بقايا سنڌيار 20

اسپتال ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو آهي زخمي شخص جي سڃاڻپ ٿي ناهي سگهي. پوليس زخمي شخص جي وارثن جي ڳولا جاري ڪري ڇڏي آهي.

بقايا سنڌيار 21

اسد علي شورو کي سينيئر ڪمپيوٽر آپريٽر اي سي ٺٽو. عبدالعزيز ميمڻ کي ڊوميسائيل برانچ جون ذميواريون سونپيون ويون آهن. جن جو نوٽيفيڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 22

ڳوٺن جي رهواسين منير نوتيار پيوپيل مشتاق ملاح ۽ ٻين جو احتجاجي مظاهرو ڪري صحافين سان ڳالهائيندي چيو هن روڊ کي 30 سال گذري ويا آهن مڪمل نه ٿي سگهيو هن وقت روڊ هنڌان هنڌان ٽٽي تباهه ٿي ويو آهي 30 سالن بعد روڊ جي ٻيهر تعميرات نه ٿي آهي چند منٽن جو مفاصلو ڪلاڪ ۾ طئه ڪريون ٿا ڪنهن به مجبوري دوران ويتر پريشانين ۾ ونجو وڃون ٿا پر اسان جي ڪير ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي هنن وڌيڪ چيو ته هن روڊ تي مختلف ذاتين جا ڪيترا ئي ڳوٺ آهن جن ۾ نوتيار ٽيها جمالي ۽ ٻيون ذاتيون شامل آهن جيڪي سڀ رهواسي سفري سهولت کان محروم آهن هنن نگران حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪڻ ڪنيرو لنڪ روڊ تعمير ڪرائي اسان کي سفري سهولت ۽ ايندڙ پريشانيون ختم ڪرايون وڃن

بقايا سنڌيار 23

دباءُ وجهي مڙس زاهد لنڊ کان طلاق وٺڻ لاءِ زور ڀري رهي آهي. منهنجي ماءُ ڀهريان به ڪوڙو ڊرامو ڪري منهنجي مڙس مٿان منهنجي اغوا جو ڪيس داخل ڪرايو هو. عدالت ڪيس کي ڪوڙو قرار ڏنو هو. منهنجي ماءُ منهنجو نڪاح ٽوڙڻ لاءِ روز روز نوان ڊراما ڪري پئي ٿي. منهنجو موالي ماموئشي جو عادي آهي جيڪو امڙ سان گڏجي مونکي ٻئي هنڌ وڪرو ڪرڻ چاهي ٿو. آءٌ پنهنجي مڙس زاهد لنڊ سان خوش آهيان.ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار واقعي جو نوٽيس وٺي. ياد رهي مسمات ممتاز خاتون لنڊ اي سيڪشن ٿاڻي تي پهچي دانهن ڪئي ته منهنجو نياڻو منهنجي ڌيءَ مهتاب لنڊ سان زبردستي شادي رچائي منهنجي ڀاءُ علي رضا لنڊ کي لوڊر رڪشو هڻي زخمي ڪيو آهي. ان بعد ٻنهي ڌرين ۾ تڪرار هلندڙ آهي.

بقايا سنڌيار 24

چوکنڊي قبرستان جي دوري دوران قبرستان جي زبون حالت جو جائزو وٺڻ ۽ پراڻن ماڳن جي بحاليءَ لاءِ منصوبو تيار ڪرڻ وقت ڏنا. دوري دوران سيڪريٽري بلديات منظور شيخ، سيڪريٽري ثقافت عليم لاشاري، سيڪريٽري ورڪس نواز سوهو، ڪمشنر ڪراچي سليم راجپوت، ڊي جي ڪي ڊي اي طاهر سانگي، نامور آرڪيالاجسٽ ڊاڪٽر ڪليم لاشاري، علي نقوي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا جن مان ڪن دوري دوران کين بريفنگ پڻ ڏني. وڏي وزيرچيو ته هن پنهنجي دوري دوران پاڻ ڏٺو ته پٿرن جي ڪتيل قبرون ۽ مقبرا زبون حال آهن جن کي جلد بحال ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن قبرستان پرسان حدخلين ۽ غير قانوني اڏاوتن جو پڻ جائزو ورتو سيڪريٽري ثقافت عليم لاشاري وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته آئين ۾ ارڙهين ترميم کانپوءِ اپريل 2013ع ۾ قبرستان جو انتظامي ڪنٽرول سنڌ حڪومت ڏانهن منتقل ڪيو ويو. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته چوکنڊي قبرستان کي "محفوظ" علائقو قرار ڏيندي يونيسڪوان کي 1993ع ۾ عارضي لسٽ ۾ شامل ڪيو هو چوکنڊي قبرستان 100 ايڪڙن جي ايراضيءَ تي پکڙيل آهي ۽ ان ۾ سترهين ۽ ارڙهين صدي عيسويءَ دوران آباد ٿيندڙ بلوچ ۽ جوکيو خاندانن جي ويڙهاڪن جا مقبرا آهن. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته مقبرا اهرام جي شڪل ۾ بلند پليٽ فارمن تي ٺهيل آهن جن ۾ آرائشي پٿر جي سليبن تي انساني ۽ علامتي شڪليون ٺهيل آهن جن ۾ ڪيترائي مقبرا خانداني قبرستانن جي نمائندگي ڪن ٿا ۽ فقط ڪجهه قبرن جي بنياد کي هندوئن جي طرز مطابق ٽئين ڪان هيٺ رکيو ويو آهي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ڪجهه مردن جي قبرن تي گهوڙي سوار، ڍال، تلوار، ڪمان ۽ تيرسان تراشيل آهن جڏهن ته عورتن جي قبرن تي زيورن جهڙوڪ ڪنگڻ، هار، منڊي، ٽڪو وغيره ٺهيل آهن. ڊاڪٽر ڪليم لاشاري وڏي وزير کي ٻڌايو ته سيڪيورٽي خطرن ۾ قبرستان مان قديم اثاثن ۽ پٿرن جي چوري شامل آهي. هن وڌيڪ چيو ته غيرقانوني دفنائڻ هڪ خطرناڪ مسئلو آهي ڇاڪاڻ ته مقامي ماڻهو پنهنجن مئن کي هن قبرستان ۾ دفن ڪندا آهن ۽ اهوئي ڪارڻ آهي جو يونيسڪو قبرستان کي عالمي ثقافتي ورثو قرار نه ڏنو آهي. وڏي وزير ڪمشنر ڪراچي کي هدايت ڪئي ته قبرستان جي مکيه دروازي (بائونڊري وال) پرسان وڏين ٽرڪن جي غير قانوني پارڪنگ ختم ڪئي وڃي. هن ڊپٽي ڪمشنر مليرءِ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ کي به هدايت ڪئي ته قبرستان اندر ۽ چوڌاري ڪچرو نه وجهڻ ڏنو وڃي. وڏي وزير ڊاڪٽر ڪليم لاشاري جي درخواست تي ڪمشنر ڪراچي کي هدايت ڪئي ته هو چوکنڊي قبرستان جي ڊيمارڪيشن ۽ ماپ جو ڪم شروع ڪري ته جيئن سڄي علائقي جي حفاظت لاءِ مکيه رستي جي پرسان هڪ ٻي داخلي پٽ تعمير ڪئي وڃي. وڏي وزير ثقافت کاتي جي سيڪريٽري ڪليم لاشاري جي سربراهي ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي جيڪا قبرستان جي "فيس اپلفٽنگ" شروع ڪرڻ ۽ تاريخي ماڳن جي اندرئين ۽ ٻاهرين آثار قديمه جي ڏيک کي تيار ڪرڻ جي طريقن کي تجويز ڪندي. هن چيو ته هو قبرستان کي آرڪيالاجيڪل پارڪ طور ترقي وٺرائڻ چاهيون ٿا. جتي مقامي ۽ بين الاقوامي دورن کي هٿي وٺرائي ويندي ان مقصد لاءِ ڪميٽي کي تجويز پيش ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي. وڏي وزير ڪي ايم سي ۽ ڪي ڊي اي جي باغباني کاتي کي هدايت ڪئي ته هو ڊاڪٽر ڪليم لاشاري جي مشاورت سان قبرستان ۾ وڻ پوکڻ شروع ڪن ۽ ان کي سرسبز بڻايو وڃي ته جيئن قبرستان کي پارڪ بڻائي سگهجي جتي اسڪول جا ٻار ۽ ٻيا سياح ويهي آثار قديمه جي ماحول مان لطف اندوز ٿي سگهن.

بقايا سنڌيار 25

وين پير ڪمال مظهر شهروردي يوسي نوشهرو فيروز جو ناظر به رهيو ۽ تازو ميونسپل ڪاميٽي نوشهرو فيروز جي چيئرمني تان استعيفي ڏيندڙ پير قربان علي شهروردي جو سئوٽ ۽ پيشيو هو. سندن خاندان جي وڏي فقيري ۽ سياسي تاريخ آهي پير قربان اول 1931ع ۾ ضلع ڪائونسل نوابشاهه جو چيئرمين به رهي چڪو آهي ۽ ضلع ڪائونسل نوابشاهه ۾ پير قربان هال اڄ به موجود آهي

بقايا سنڌيار 26

۽ تعلقن جو تعداد 7، يوسي ايم او 40، ايس ايم ٽي يوسي 8 ۽ نان ايس ايم ٽي يوسي 32 آهن. هن وڌيڪ بريفنگ ڏيندي چيو ته پنجن سالن کان گهٽ عمر واري ٻارڙن جو تعداد 367773 آهي جن کي هن پوليو مهم دوران ڦڙا پيارايا ويندا. اسان جون موبائيل ٽيمون 1008، ٽرانزٽ پوائنٽس جو تعداد 62، فڪسڊ ٽيمون 64 ۽ EPI سينٽرن جو تعداد 62 آهي هن بريفنگ ڏيندي وڌيڪ چيو ته اسان جي ضلعي جي ڪجهه علائقن ۾ انڪارين جو تعداد گهڻو آهي. جيڪي اسان جي پوليو ٽيم ورڪرن سان تعاون نه ٿا ڪن ۽ پنهنجي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان انڪار ڪري ٿا ڇڏين جنهن تي ڊپٽي ڪمشنر قمبر شهدادڪوٽ سجاد حيدر قادري اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيار صاحبان کي هدايتون ڏيندي چيو ته جنهن به ٻارڙن جا والدين پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن انهن سان ملاقات ڪري انهن کي سمجهائين ته هو پنهنجن پيارن ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارين ته جيئن هو هن موذي مرض کان بچي سگهن. ان موقعي تي ڊي ايڇ او قمبر شهدادڪوٽ ڊاڪٽر نياز حسين جمالي، ڊاڪٽر عبدالعزيز منگي، ڊاڪٽر الطاف حسين ٻرڙو ڊسٽرڪٽ پوليو فوڪل پرسن ،ڊبليو ايڇ او ۽ ڊاڪٽر نازيا آصف. يونيسيف جي نمائندن. پوليس. اين جي اوز ۽ PPHI جي نمائندن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 27

2 ڏينهن اڳ قومي شاهراهه ٿندومستي باءِ پاس تان گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو هو. جنهن کي پوليس گوليون هڻي مقابلو ڏيکاريو آهي . زخمي ڏوهاري کي علاج لاءِ پوليس سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو. هوڏانهن ايس ايس پي خيرپور جي پي آر او پريس رليز جاري ڪندي ٻڌايو آهي ته مقابلي بعد زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل جوابدار خيرپور پوليس کي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل هو. وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا سنڌيار 28

ڏيندي ڊي پي سي انچارج ڊاڪٽر امتياز حسين ميتلو ٻڌايو ته اين آءِ ڊي پوليو مهم 27 نومبر کان شروع ٿيندي. جيڪا 7 ڏينهن تي مشتمل هوندي. هن ٻڌايو ته هن دفعي 3 لک 40 هزار 1 سؤ 59 اٺهٽ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارايا ويندا . جنهن لاءِ 830 گشتي ٽيمون جوڙيون ويون آهن. تعلقي شڪارپور جون 15 . خانپور 10. لکي غلام شاه 11. ڳڙهي ياسين 13 يوسيون شامل آهن هن چيو ته مرزاپور ۽ ٽيمن سان گڏ پوليس سڪيورٽي ڏني وڃي ۽ مائڪرو پلان ۾ سڀ يوسيون پاس رهيون آهن هن چيو ته مائڪرو پلان ۾ يوسي 2 ۽ ڪجهه يوسين ۾ سڪيورٽي جو مسئلو درپيش آيو آهي. وارياسو ۽ ٻائيپهڙ يوسي جيڪا ڳڙهي ياسين جي حد ۾ آهي اتي اسان کي پوليس فورس ۽ مانيٽرنگ کي وڌائڻو پوندو. هن چيو ته هن وقت اڃان به وڌيڪ رڪسن اچي پئي ۽ اسان هن دفعي 97 فيصد زيرو دوز ٻار مڪمل ڪيا آهن. هن چيو ته هن دفعي اسان جون 40 ٽرانزٽ پوائنٽون آهن. گڏجاڻي سان ڳالهائيندي ڊي ايس پي شڪارپور يار محمد چيو ته پوري ضلعي ۾ جتي به پوليو ٽيمن کي پوليس سڪيورٽي جي ضرورت پوندي ته اسين سڪيورٽي مهيا ڪنداسين. گڏجاڻيءَ سان ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور الطاف احمد چاچڙ چيو ته ايندڙ پوليو مهم کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ مائڪرو پلان تي عمل ڪيو وڃي ۽ اي پي آءِ وارا روزانه جي بنياد تي پنهنجي فيلڊ ڪم جاري رکن ۽ ٻارن کي 6 حفاظتي بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳائن. گڏجاڻيءَ ۾ ڊي ايڇ او ۽ ڊاڪٽر پرويز سومرو، ڊاڪٽر فيضان ، واجد علي فوڪل پرسن ۽ چئني تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن، تعليم ، انفارميشن کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 29

خاص هدايتون آهن لاڳاپيل آفيسرن سان گڏجاڻي ڪري احتياطي اپاءَ ورتا وڃن ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته عوام ڪانگو وائرس کان بچي سگهي . ان موقعي تي گڏجاڻيءَ کي ڪانگوجي بيماري ۽ بچاءَ بابت بريفنگ ڏيندي ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ دادو ڊاڪٽر علي جان ٻڌايو ته ڪانگو بيماري هڪ جان ليوا بيماري آهي جيڪا مال جي چچڙن مان پکڙجي ٿي. هن وڌيڪ ٻڌايو ضلعي اندر چوپائي مال کي ڪانگو وائرس جي بچاءَ لاءِ چچڙن جي بچاءَ ٻين بيمارين جي بچاءَ جي ويڪسين ڪئي وئي آهي ۽ بلوچستان ۽ ٻين علائقن مان ايندڙ مال تي ڪڙي نظر رکي وڃي جيئن موذي مرض مان مال ۽ ماڻهون محفوظ رهي سگهن ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو چيو بلوچستان سان لڳندڙ علائقن وٽ لڳندڙ مال پڙيون فوري طور بند ڪرايون وڃن جيئن بيماريون نه ڦهلجي. هن اها پڻ هدايت ڪئي ڪانگو وائرس بابت هڪ واٽس اپ گروپ ٺاهي ان ۾ لاڳاپيل ماڻهن کي شامل ڪيو وڃي جيئن معلومات جي شيئرنگ ٿي سگهي. گڏجاڻيءَ ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون صفدر حسين عمراڻي، جانورن تي ڪم ڪندڙ اين جي اوز جي بلقيس، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر دادو ڊاڪٽر عبدالحميد ڪونهارو، ڊاڪٽر اشفاق ميمڻ، ڊاڪٽر شعيب ڏيرو ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 30

سوسائٽي آف سرجنز، سي پي ايس پي، ڊائو يونيورسٽي جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سعيد قريشي، جي پي ايم سي جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر شاهد رسول ۽ ٻيا شامل هئا. ملاقات ۾ سنڌ جي سرڪاري صحت جي ادارن ۾ خدمتن جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ بابت پاليسي معاملن ۽ مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن نگران حڪومت جي مشاورتي عمل جي واکاڻ ڪئي ۽ سنڌ جي عوام جي بهترخدمت ڪرڻ لاءِ پاليسي اپاءَ وٺڻ جي تجويز ڏني. نگران وڏي وزير ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن جي نمائندن کي يقين ڏياريو ته سروس اسٽرڪچر ۽ بجيٽ جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا.

بقايا سنڌيار 31

لغاري پوليس حوالي ڪيو جنهن تي گلاب لغاري پوليس نياڻي جي والد ڪريم بخش ٿهيم جي فرياد تي جنسي ڏاڍائي جو ڪيس گرفتاري ڏيکاري ڇڏي آهي ۽ نياڻي جي ميڊيڪل چيڪ اپ جو ليٽر جاري ڪري وڌيڪ جانچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا سنڌيار 32

چڪ سيال ۽ سردار گڙهه جي پرائمري اسڪول جي دورو ڪيو. دوري دوران اسسٽنٽ ڪمشنر خانگڙهه ٻارن ڪان مختصر ٽيسٽ ورتي وئي، ٽيسٽ ۾ بهترين ڪارگردگي ڏيکارڻ تي ٻارن ۾ تحفا پڻ تقسيم ڪيا ويا. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر خانگڙهه ردا زهرا ٽالپر جو چوڻ هو ته تعليمي سرگرمين متعلق ٻارن ۾ همت ۽ جذبو ڏسي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي. آئون جڏهن به جنهن به اسڪول ۾ ٻارن ۾ تعليم بابت سجاڳي ڏسندي آهيان ته اتي منهنجي ڪوشش هوندي آهي ته آئون ان اسڪول تي دلچسپي وٺندي ٻارن جي حوصلاافزائي ڪرڻ ۽ سندن جي مستقبل جي خوابن کي تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ انهن سان تعليمي سهولتن بابت سهڪار ڪيان. ان جو وڌيڪ چوڻ هو ته تعليم کان متاثرٿيل ٻارن جي ذهني سوچ کي تبديل ڪرڻ لاءِ انهن سان نرم رويو رکجي ۽ ان کي تعليم طرف توجهه ڏيارڻ لاءِ ٻين ٻارن جون مثالون ڏنيون وڃن جيڪي ٻار تعليمي سرگرمين ۾ اڳتي آهن ته جيئن هو انهن ڳالهين کي پنهنجي ذهني سوچ بڻائيندي انهن مطابق تعليمي سفر کي جاري رکي سگهي.ان موقعي تي ٽي او تعليم خانگڙهه الهه ڏوايو منگي ۽ ٻيا ساڻس گڏ هئا

بقايا سنڌيار 33

سان وڙهندي شهيد ٿي ويو.سهيل احمد نهڙي ڏيڍ سال اڳ ۾ پاڪ فوج ۾ ڀرتي ٿيو هو ۽ هو غيرشادي شده هو ۽ سوڳوارن ۾ ماءُپيءُ ۽ ٻه ڀاءُ، ٻه ڀينرن شامل آهن.شهيد فوجي جوان جو مڙهه اباڻي ڳوٺ گوگاسر تسائي پهچايو ويو جتي پاڪ فوج جي دستي کيس سلامي ڏني. جنازي نماز ۾ پاڪ فوج جي جوانن،آفيسرن،تر جي مختلف ڳوٺن جي ڳوٺاڻن،سياسي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.آخري رسمون ادا ڪرڻ بعد فوجي اعزاز سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو...

بقايا سنڌيار 34

ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ست مهينا گذرڻ جي باوجود اڃان تائين ٺيڪيدار روڊ جو ڪارپيٽ ناهي ڪرايو .جنهن سبب روڊ ٻيهر هنڌان هنڌان اکڙي ۽ ٽٽي رهيو آهي. روڊجو مڪمل ڪم نه ٿيڻ ڪري روڊ کي کڏا پئجي ويا آهن جنهن جي ڪري روڊ تي هلندڙ ٽرانسپورٽر ۽ علائقي واسي سخت پريشان آهن . هنن سي ايم سنڌ سيد مرادعلي شاهه سميت تڪ جي چونڊيل نمائيندن کان مطالبوڪندي گهر ڪئي آهي ته جلد کان جلد ٺهيل روڊ جوريهل ڪارپيٽ وارو ڪم مڪمل ڪرايو وڃي. ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 35

چوکنڊي قبرستان جي دوري دوران قبرستان جي زبون حالت جو جائزو وٺڻ ۽ پراڻن ماڳن جي بحاليءَ لاءِ منصوبو تيار ڪرڻ وقت ڏنا. دوري دوران سيڪريٽري بلديات منظور شيخ، سيڪريٽري ثقافت عليم لاشاري، سيڪريٽري ورڪس نواز سوهو، ڪمشنر ڪراچي سليم راجپوت، ڊي جي ڪي ڊي اي طاهر سانگي، نامور آرڪيالاجسٽ ڊاڪٽر ڪليم لاشاري، علي نقوي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا جن مان ڪن دوري دوران کين بريفنگ پڻ ڏني. وڏي وزيرچيو ته هن پنهنجي دوري دوران پاڻ ڏٺو ته پٿرن جي ڪتيل قبرون ۽ مقبرا زبون حال آهن جن کي جلد بحال ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن قبرستان پرسان حدخلين ۽ غير قانوني اڏاوتن جو پڻ جائزو ورتو سيڪريٽري ثقافت عليم لاشاري وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته آئين ۾ ارڙهين ترميم کانپوءِ اپريل 2013ع ۾ قبرستان جو انتظامي ڪنٽرول سنڌ حڪومت ڏانهن منتقل ڪيو ويو. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته چوکنڊي قبرستان کي "محفوظ" علائقو قرار ڏيندي يونيسڪوان کي 1993ع ۾ عارضي لسٽ ۾ شامل ڪيو هو چوکنڊي قبرستان 100 ايڪڙن جي ايراضيءَ تي پکڙيل آهي ۽ ان ۾ سترهين ۽ ارڙهين صدي عيسويءَ دوران آباد ٿيندڙ بلوچ ۽ جوکيو خاندانن جي ويڙهاڪن جا مقبرا آهن. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته مقبرا اهرام جي شڪل ۾ بلند پليٽ فارمن تي ٺهيل آهن جن ۾ آرائشي پٿر جي سليبن تي انساني ۽ علامتي شڪليون ٺهيل آهن جن ۾ ڪيترائي مقبرا خانداني قبرستانن جي نمائندگي ڪن ٿا ۽ فقط ڪجهه قبرن جي بنياد کي هندوئن جي طرز مطابق ٽئين ڪان هيٺ رکيو ويو آهي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ڪجهه مردن جي قبرن تي گهوڙي سوار، ڍال، تلوار، ڪمان ۽ تيرسان تراشيل آهن جڏهن ته عورتن جي قبرن تي زيورن جهڙوڪ ڪنگڻ، هار، منڊي، ٽڪو وغيره ٺهيل آهن. ڊاڪٽر ڪليم لاشاري وڏي وزير کي ٻڌايو ته سيڪيورٽي خطرن ۾ قبرستان مان قديم اثاثن ۽ پٿرن جي چوري شامل آهي. هن وڌيڪ چيو ته غيرقانوني دفنائڻ هڪ خطرناڪ مسئلو آهي ڇاڪاڻ ته مقامي ماڻهو پنهنجن مئن کي هن قبرستان ۾ دفن ڪندا آهن ۽ اهوئي ڪارڻ آهي جو يونيسڪو قبرستان کي عالمي ثقافتي ورثو قرار نه ڏنو آهي. وڏي وزير ڪمشنر ڪراچي کي هدايت ڪئي ته قبرستان جي مکيه دروازي (بائونڊري وال) پرسان وڏين ٽرڪن جي غير قانوني پارڪنگ ختم ڪئي وڃي. هن ڊپٽي ڪمشنر مليرءِ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ کي به هدايت ڪئي ته قبرستان اندر ۽ چوڌاري ڪچرو نه وجهڻ ڏنو وڃي. وڏي وزير ڊاڪٽر ڪليم لاشاري جي درخواست تي ڪمشنر ڪراچي کي هدايت ڪئي ته هو چوکنڊي قبرستان جي ڊيمارڪيشن ۽ ماپ جو ڪم شروع ڪري ته جيئن سڄي علائقي جي حفاظت لاءِ مکيه رستي جي پرسان هڪ ٻي داخلي پٽ تعمير ڪئي وڃي. وڏي وزير ثقافت کاتي جي سيڪريٽري ڪليم لاشاري جي سربراهي ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي جيڪا قبرستان جي "فيس اپلفٽنگ" شروع ڪرڻ ۽ تاريخي ماڳن جي اندرئين ۽ ٻاهرين آثار قديمه جي ڏيک کي تيار ڪرڻ جي طريقن کي تجويز ڪندي. هن چيو ته هو قبرستان کي آرڪيالاجيڪل پارڪ طور ترقي وٺرائڻ چاهيون ٿا. جتي مقامي ۽ بين الاقوامي دورن کي هٿي وٺرائي ويندي ان مقصد لاءِ ڪميٽي کي تجويز پيش ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي. وڏي وزير ڪي ايم سي ۽ ڪي ڊي اي جي باغباني کاتي کي هدايت ڪئي ته هو ڊاڪٽر ڪليم لاشاري جي مشاورت سان قبرستان ۾ وڻ پوکڻ شروع ڪن ۽ ان کي سرسبز بڻايو وڃي ته جيئن قبرستان کي پارڪ بڻائي سگهجي جتي اسڪول جا ٻار ۽ ٻيا سياح ويهي آثار قديمه جي ماحول مان لطف اندوز ٿي سگهن.

بقايا سنڌيار 36

خاص هدايتون آهن لاڳاپيل آفيسرن سان گڏجاڻي ڪري احتياطي اپاءَ ورتا وڃن ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته عوام ڪانگو وائرس کان بچي سگهي . ان موقعي تي گڏجاڻيءَ کي ڪانگوجي بيماري ۽ بچاءَ بابت بريفنگ ڏيندي ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ دادو ڊاڪٽر علي جان ٻڌايو ته ڪانگو بيماري هڪ جان ليوا بيماري آهي جيڪا مال جي چچڙن مان پکڙجي ٿي. هن وڌيڪ ٻڌايو ضلعي اندر چوپائي مال کي ڪانگو وائرس جي بچاءَ لاءِ چچڙن جي بچاءَ ٻين بيمارين جي بچاءَ جي ويڪسين ڪئي وئي آهي ۽ بلوچستان ۽ ٻين علائقن مان ايندڙ مال تي ڪڙي نظر رکي وڃي جيئن موذي مرض مان مال ۽ ماڻهون محفوظ رهي سگهن ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو چيو بلوچستان سان لڳندڙ علائقن وٽ لڳندڙ مال پڙيون فوري طور بند ڪرايون وڃن جيئن بيماريون نه ڦهلجي. هن اها پڻ هدايت ڪئي ڪانگو وائرس بابت هڪ واٽس اپ گروپ ٺاهي ان ۾ لاڳاپيل ماڻهن کي شامل ڪيو وڃي جيئن معلومات جي شيئرنگ ٿي سگهي. گڏجاڻيءَ ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون صفدر حسين عمراڻي، جانورن تي ڪم ڪندڙ اين جي اوز جي بلقيس، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر دادو ڊاڪٽر عبدالحميد ڪونهارو، ڊاڪٽر اشفاق ميمڻ، ڊاڪٽر شعيب ڏيرو ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 37

ترقياتي اسڪيمن بابت قراردادون يڪراءِ سان منظور ڪيون ويون. اجلاس ۾ اسرائيل خلاف مزهمتي قرداد تقي عباس ڪماريو پاران پيش ڪئي وئي. قرارداد تي ڳالهائيندي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبرن عبدالسلام انڙ، نصرالله خان دل، شهاب خان پيو، حمادالله جامڙو ۽ ٻين ميمبرن چيو ته اسرائيل فلسطين تي ظلم ڪري رهيو آهي جيڪا کليل دهشتگردي آهي اسرائيل جي طرفان فلسطينين جي اسپتالن، اسڪولن، گهرن تي بمباري ڪري معصوم ماڻهن جو قتل عام ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ ٻوڙو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو آهي. اسان هن قراراداد ذريعي اسرائيل جي دهشتگردي جي ڀرپور لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر تقي عباس ڪماريو هڪ ٻي رٽ پيش ڪندي چيو ته ترقياتي ڪمن لاءِ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبرن کي هڪ هڪ ڪروڙ ۽ ريزرو ميمبرن کي 20_20 لک جون ترقياتي اسڪيمون ڏنيون وڃن. اجلاس سان ڳالهائيندي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبرن چيو ته ڀهراڙين ۾ صفائي سٿرائي، ٽالين جي کوٽائي ۽ سولر سسٽم نه هجڻ سبب مختلف مسئلا پيش اچن ٿا. هنن چيو ته ڀهراڙين ۾ صفائي سٿرائي هر روز جي بنياد تي ڪرائي وڃي ته جيئن مختلف بيمارين کان بچي سگهجي ۽ هيلٿ ڊپارٽمينٽ کي هدايت ڪئي وڃي ته ڀهراڙين ۾ مڇرمار اسپري ڪرايا وڃن ته جيئن مليريا کان بچاءُ ٿي سگهي. اجلاس ۾ نصرالله خان دل رٽ پيش ڪندي چيو ته شڪارپور شهر جي مختلف حدودن ۾ خوبصورتي خاطر گرين بيلٽ لڳرايا وڃن. اجلاس ۾ سموريون رٿون يڪراءِ سان بحال ڪيون ويون. اجلاس سان ڳالهائيندي ضلعي چيئرمين ذوالفقار علي خان ڪماريون چيو ته ضلعي شڪارپور لاءِ مونکي پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ طرفان چونڊيو ويو آهي ۽ مونکي شڪارپور شهر جي خدمت جو موقعو مليو آهي مان ڪوشش ڪندس ته شڪارپور ضلعي کي خوبصورت بڻائيان. ان موقعي تي ضلعي چيئرمين چيو ته شڪارپور ضلعي ۾ جيڪي به ضلعي ڪائونسل جي پراپرٽي آهي ان کي خوبصورت بڻائينداسين ۽ گرين بلٽ لڳرائينداسين. اجلاس ۾ جيمخانه ڪلب ۽ پريس ڪلب شڪارپور جي فنڊن متعلق به رٽ پيش ڪئي وئي. اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر عبدالسلام انڙ جي رٽ تي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتار نه ٿيڻ تي مزمت ڪئي وئي ۽ شهيد جان محمد مهر جي روح کي ثواب خاطر دعا پڻ گهري وئي.

بقايا سنڌيار 38

چوکنڊي قبرستان جي دوري دوران قبرستان جي زبون حالت جو جائزو وٺڻ ۽ پراڻن ماڳن جي بحاليءَ لاءِ منصوبو تيار ڪرڻ وقت ڏنا. دوري دوران سيڪريٽري بلديات منظور شيخ، سيڪريٽري ثقافت عليم لاشاري، سيڪريٽري ورڪس نواز سوهو، ڪمشنر ڪراچي سليم راجپوت، ڊي جي ڪي ڊي اي طاهر سانگي، نامور آرڪيالاجسٽ ڊاڪٽر ڪليم لاشاري، علي نقوي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا جن مان ڪن دوري دوران کين بريفنگ پڻ ڏني. وڏي وزيرچيو ته هن پنهنجي دوري دوران پاڻ ڏٺو ته پٿرن جي ڪتيل قبرون ۽ مقبرا زبون حال آهن جن کي جلد بحال ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن قبرستان پرسان حدخلين ۽ غير قانوني اڏاوتن جو پڻ جائزو ورتو سيڪريٽري ثقافت عليم لاشاري وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته آئين ۾ ارڙهين ترميم کانپوءِ اپريل 2013ع ۾ قبرستان جو انتظامي ڪنٽرول سنڌ حڪومت ڏانهن منتقل ڪيو ويو. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته چوکنڊي قبرستان کي "محفوظ" علائقو قرار ڏيندي يونيسڪوان کي 1993ع ۾ عارضي لسٽ ۾ شامل ڪيو هو چوکنڊي قبرستان 100 ايڪڙن جي ايراضيءَ تي پکڙيل آهي ۽ ان ۾ سترهين ۽ ارڙهين صدي عيسويءَ دوران آباد ٿيندڙ بلوچ ۽ جوکيو خاندانن جي ويڙهاڪن جا مقبرا آهن. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته مقبرا اهرام جي شڪل ۾ بلند پليٽ فارمن تي ٺهيل آهن جن ۾ آرائشي پٿر جي سليبن تي انساني ۽ علامتي شڪليون ٺهيل آهن جن ۾ ڪيترائي مقبرا خانداني قبرستانن جي نمائندگي ڪن ٿا ۽ فقط ڪجهه قبرن جي بنياد کي هندوئن جي طرز مطابق ٽئين ڪان هيٺ رکيو ويو آهي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ڪجهه مردن جي قبرن تي گهوڙي سوار، ڍال، تلوار، ڪمان ۽ تيرسان تراشيل آهن جڏهن ته عورتن جي قبرن تي زيورن جهڙوڪ ڪنگڻ، هار، منڊي، ٽڪو وغيره ٺهيل آهن. ڊاڪٽر ڪليم لاشاري وڏي وزير کي ٻڌايو ته سيڪيورٽي خطرن ۾ قبرستان مان قديم اثاثن ۽ پٿرن جي چوري شامل آهي. هن وڌيڪ چيو ته غيرقانوني دفنائڻ هڪ خطرناڪ مسئلو آهي ڇاڪاڻ ته مقامي ماڻهو پنهنجن مئن کي هن قبرستان ۾ دفن ڪندا آهن ۽ اهوئي ڪارڻ آهي جو يونيسڪو قبرستان کي عالمي ثقافتي ورثو قرار نه ڏنو آهي. وڏي وزير ڪمشنر ڪراچي کي هدايت ڪئي ته قبرستان جي مکيه دروازي (بائونڊري وال) پرسان وڏين ٽرڪن جي غير قانوني پارڪنگ ختم ڪئي وڃي. هن ڊپٽي ڪمشنر مليرءِ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ کي به هدايت ڪئي ته قبرستان اندر ۽ چوڌاري ڪچرو نه وجهڻ ڏنو وڃي. وڏي وزير ڊاڪٽر ڪليم لاشاري جي درخواست تي ڪمشنر ڪراچي کي هدايت ڪئي ته هو چوکنڊي قبرستان جي ڊيمارڪيشن ۽ ماپ جو ڪم شروع ڪري ته جيئن سڄي علائقي جي حفاظت لاءِ مکيه رستي جي پرسان هڪ ٻي داخلي پٽ تعمير ڪئي وڃي. وڏي وزير ثقافت کاتي جي سيڪريٽري ڪليم لاشاري جي سربراهي ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي جيڪا قبرستان جي "فيس اپلفٽنگ" شروع ڪرڻ ۽ تاريخي ماڳن جي اندرئين ۽ ٻاهرين آثار قديمه جي ڏيک کي تيار ڪرڻ جي طريقن کي تجويز ڪندي. هن چيو ته هو قبرستان کي آرڪيالاجيڪل پارڪ طور ترقي وٺرائڻ چاهيون ٿا. جتي مقامي ۽ بين الاقوامي دورن کي هٿي وٺرائي ويندي ان مقصد لاءِ ڪميٽي کي تجويز پيش ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي. وڏي وزير ڪي ايم سي ۽ ڪي ڊي اي جي باغباني کاتي کي هدايت ڪئي ته هو ڊاڪٽر ڪليم لاشاري جي مشاورت سان قبرستان ۾ وڻ پوکڻ شروع ڪن ۽ ان کي سرسبز بڻايو وڃي ته جيئن قبرستان کي پارڪ بڻائي سگهجي جتي اسڪول جا ٻار ۽ ٻيا سياح ويهي آثار قديمه جي ماحول مان لطف اندوز ٿي سگهن.

بقايا سنڌيار 39

ترقياتي اسڪيمن بابت قراردادون يڪراءِ سان منظور ڪيون ويون. اجلاس ۾ اسرائيل خلاف مزهمتي قرداد تقي عباس ڪماريو پاران پيش ڪئي وئي. قرارداد تي ڳالهائيندي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبرن عبدالسلام انڙ، نصرالله خان دل، شهاب خان پيو، حمادالله جامڙو ۽ ٻين ميمبرن چيو ته اسرائيل فلسطين تي ظلم ڪري رهيو آهي جيڪا کليل دهشتگردي آهي اسرائيل جي طرفان فلسطينين جي اسپتالن، اسڪولن، گهرن تي بمباري ڪري معصوم ماڻهن جو قتل عام ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ ٻوڙو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو آهي. اسان هن قراراداد ذريعي اسرائيل جي دهشتگردي جي ڀرپور لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر تقي عباس ڪماريو هڪ ٻي رٽ پيش ڪندي چيو ته ترقياتي ڪمن لاءِ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبرن کي هڪ هڪ ڪروڙ ۽ ريزرو ميمبرن کي 20_20 لک جون ترقياتي اسڪيمون ڏنيون وڃن. اجلاس سان ڳالهائيندي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبرن چيو ته ڀهراڙين ۾ صفائي سٿرائي، ٽالين جي کوٽائي ۽ سولر سسٽم نه هجڻ سبب مختلف مسئلا پيش اچن ٿا. هنن چيو ته ڀهراڙين ۾ صفائي سٿرائي هر روز جي بنياد تي ڪرائي وڃي ته جيئن مختلف بيمارين کان بچي سگهجي ۽ هيلٿ ڊپارٽمينٽ کي هدايت ڪئي وڃي ته ڀهراڙين ۾ مڇرمار اسپري ڪرايا وڃن ته جيئن مليريا کان بچاءُ ٿي سگهي. اجلاس ۾ نصرالله خان دل رٽ پيش ڪندي چيو ته شڪارپور شهر جي مختلف حدودن ۾ خوبصورتي خاطر گرين بيلٽ لڳرايا وڃن. اجلاس ۾ سموريون رٿون يڪراءِ سان بحال ڪيون ويون. اجلاس سان ڳالهائيندي ضلعي چيئرمين ذوالفقار علي خان ڪماريون چيو ته ضلعي شڪارپور لاءِ مونکي پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ طرفان چونڊيو ويو آهي ۽ مونکي شڪارپور شهر جي خدمت جو موقعو مليو آهي مان ڪوشش ڪندس ته شڪارپور ضلعي کي خوبصورت بڻائيان. ان موقعي تي ضلعي چيئرمين چيو ته شڪارپور ضلعي ۾ جيڪي به ضلعي ڪائونسل جي پراپرٽي آهي ان کي خوبصورت بڻائينداسين ۽ گرين بلٽ لڳرائينداسين. اجلاس ۾ جيمخانه ڪلب ۽ پريس ڪلب شڪارپور جي فنڊن متعلق به رٽ پيش ڪئي وئي. اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر عبدالسلام انڙ جي رٽ تي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتار نه ٿيڻ تي مزمت ڪئي وئي ۽ شهيد جان محمد مهر جي روح کي ثواب خاطر دعا پڻ گهري وئي.

بقايا سنڌيار 40

واري پاليسي تي عمل ڪبو ته بهتري ته اچي سگهندي. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي آفيس ۾ پوليو مهم جي حوالي سان ڪوٺايل هڪ گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو. گڏجاڻي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر، ڊي ايڇ او ۽ ڊي ايم پي پي ايڇ آئي سميت لاڳاپيل ميڊيڪل آفيسرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر خطاب ڪندي چيو ته پوليو مهم کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ روٽين امونائيزيشن تي به خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. ارڙي کي پکڙجڻ کان روڪڻ لاءِ جوڳا اپاءَ ورتا وڃن جڏهن ته علائقائي صورتحال کي نظر ۾ رکندي پوليو ٽيمن جي جوڙجڪ ڪئي وڃي ته جيئن مهم دوران فيلڊ ۾ ڪين مشڪل پيش نه اچي. ان موقعي تي هن ڊي ايڇ او کي سختي سان هدايت ڪندي چيو ته خراب ڪارڪردگي واري يونين ڪائونسلن ۾ ڪاڪردگي کي بهتر ڪيو وڃي جڏهن ته لاپرواهي ڪندڙ ٽيمن خلاف ڪارروائي ڪري رپورٽ فراهم ڪئي وڃي ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي سستي قبول نه ڪئي ويندي. ان کان اڳ اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر ظهير ڊومڪي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته 27 نومبر کان 3 ڊسمبر تائين جاري رهندڙ پوليو مهم دوران ضلعي جي 4 لک 58 هزار ٻارڙن کي ڦڙا پيارڻ لاءِ انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن. گڏجاڻي ۾ ڊبليو ايڇ او جي ڊاڪٽر نياز ۽ يونيسيف جي ڊاڪٽر رحيم گڏاڻي پڻ شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 41

جو اظهار ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ جماعت اسلامي پبلڪ ايڊ ڪاميٽي جو هڪ هنگامي اجلاس ٿي گذريو جنهن ۾ اڳواڻ حماد الله پٽو، سجاد لاڙ، ممتاز اڄڻ ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته بلدياتي نظام تحت صفوران ٽائون سميت يوسي 3 ۽ يوسي 4 جي پاڪستان پيپلزپارٽي جي چونڊجي آيل چيئرمينن هڪ سال جي عرصي ۾ عوامي ڀلائيءَ جو ڪو به ڪم ناهي ڪرايو جنهن ڪري عوام سندن ڪارڪردگي مان سخت مايوسي جو شڪار آهي سندن وڌيڪ چوڻ هو ته سچل ڳوٺ .بلاول شا نوراني .شاهنواز شر.عبدالله شاهه غازي ڳوٺ ۽ ٻين علائقن ۾ گندگي ڦهليل آهي گٽرن جا ڍڪڻ غائب آهن جڏهن ته پيئڻ جي پاڻي جي سهولت کان اڪثر علائقن جا رهواسي محروم آهن صفائي نظام ناقص هئڻ ڪري مختلف موذي مرض پکڙجي رهيا آهن اهڙي سنگين صورتحال هوندي به چونڊيل نمائندا عملي طور تي مسئلا حل ڪرڻ بدران رڳو فوٽوسيشن ڪرڻ ۾ رڌل آهن هنن چيو ته هڪ طرف هتان جا رهواسي سهولتن کان محروم آهن ته ٻئي طرف وري سندن گهرن کي ڍاهي رهواسين کي بيدخل ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون جيڪو سخت مذمت جوڳو عمل آهي هنن صوبائي وزير بلديات سيڪريٽري بلديات کا گهر ڪئي آهي ته صفوران ٽائون سميت يوسي 3 ۽ 4 جي چونڊيل نمائندن جي ڪارڪردگي تي نظرثاني ڪري سندن خلاف قدم کڻي علائقائي ترقياتي ڪم ڪرائي عوام کي لاڀ ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ رهواسين سان گڏجي جماعت اسلامي پبلڪ ايڊ ڪاميٽي طرفان احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا.

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار ڪراچي
ايڊيٽر اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com